www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) سومر 19 مئي 2025ع بمطابق 21 ذوالقعد 1446ھ (شمارو 218) قيمت 20 روپيا

# پگهاردار طبقي تي ٽيڪس گهٽائڻ تي آءِ ايم ايف جو اعتراض، 700 ارب جا ٽيڪس لڳندا

پاڪستان ۽ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) 700 ارب رپين جا وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف قدمن تي غور شروع ڪيو آهي

پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف ايندڙ مالي سال 2025_26 جي بجيٽ ۾ اضافي 700 ارب رپيا حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيڪس ۽ ان جي لاڳو ٿيڻ وارن قدمن تي ويچار ڪري رهيا آهن

2 جون تي پارليامينٽ ۾ 2025_26 جي بجيٽ جي اعلان سان گڏ حڪومت آءِ ايم ايف کان پگهاردار طبقي، تمباڪو ۽ مشروبات جي شعبي لاءِ ٽيڪسن ۾ سڌارن جي درخواست ڪئي آهي

جيڪڏهن 0.2 ملين کان 0.4 ملين رپين ماهوار آمدني رکندڙ وچولي طبقي لاءِ ٽيڪس جي شرح گهٽ ڪئي وڃي ٿي ته ان صورت ۾ امڪاني وڌندڙ آمدني بابت پڇا ڳاڇا ڪئي آهي

تمباڪو جي شعبي ۾، (سگريٽ جي پيڪيٽ جي) گهٽ ۾ گهٽ قانوني قيمت (MLP)، جيڪا هن وقت 162.25 رپيا في پيڪيٽ آهي، ان ۾ اضافي جو امڪان آهي

هن وقت 80 سيڪڙو کان وڌيڪ برانڊز هيءَ قيمت يا ان کان ٿورو وڌيڪ تي وڪرو ٿي رهيا آهن. سگريٽ جي پيڪيٽ تي قيمتن ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد(م ڊ) پاڪستان ۽ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) 700 ارب رپين جا وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف قدمن تي غور شروع ڪيو آهي، پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف ايندڙ مالي سال 2025_26 جي بجيٽ ۾ اضافي 700 ارب رپيا حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيڪس ۽ ان جي لاڳو ٿيڻ وارن قدمن تي ويچار ڪري رهيا آهن، 2 جون تي پارليامينٽ ۾ 2025_26 جي بجيٽ جي اعلان سان گڏ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

# پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ کي سمجهڻ لاءِ ان جو پس منظر ڄاڻڻ انتهائي ضروري آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

ارت هن خطي، خاص طور تي پاڪستان ۾ دهشتگردي جو اصل سرپرست آهي، ڀلي اهي خارجي هجن يا بلوچستان ۾ سرگرم دهشتگرد گروهه سڀني جي سرپرستي ڪري رهيو آهي

ڀارت حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙن بيانن جي پٺيان لڪي رهيو آهي، پهلگام واقعي جي ڪجهه منٽن کانپوءِ ڀارتي ميڊيا پاڪستان تي الزام لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا

ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ٻن ڏينهن کانپوءِ پاڻ تسليم ڪيو ته جاچ اڃا جاري آهي، جاچ ۽ شاهدن کان سواءِ الزام لڳائڻ ڪهڙي سمجهداري آهي؟

پاڪ فوج تي ملڪ جي خودمختياري ۽ سرحدن جي حفاظت جي مقدس ذميواري آهي، جيڪا اسان پوري ڪئي ۽ هر قيمت تي ڪندا رهنداسين، پاڪستان ڀارت کي ترت، سخت ۽ اثرائتو جواب ڏنو

دشمن اسان کي ديٻجارڻ لاءِ حملا ڪيا پر ڀارت وساري ويٺو هو ته پاڪستاني قوم ۽ فوج نه ته ڪڏهن جهڪي آهي، نه ئي جهڪائي سگهجي ٿي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

10 مئي جي صبح اسان جواب ڏنو، اسان ذميواري ۽ احتياط سان رڳو انهن جي فوجي هدفن کي نشانو بڻايو، ڪنهن به شهري ملڪيت کي نقصان نه پهچايو، اهو هڪ مناسب، منصفاڻو ۽ متوازن جواب هو

راولپنڊي (م ڊ) پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته ڀارت هن خطي، خاص طور تي پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرپرستي ڪري رهيو آهي. پرڏيهي خبررساں اداري سان ڳالهائيندي ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ کي سمجهڻ لاءِ ان جو پس منظر ڄاڻڻ انتهائي ضروري آهي، ڀارت هن خطي، خاص طور تي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: چين جي شهر بوزهو ۾ سپر مني ٽرڪ جي پلانٽ متعلق ٿيل تقريب جو ڏيک

## ڀارتي ميڊيا غزه ۾ ڌماڪن جون وڊيوز پاڪستان تي حملي طور هلايون: ڀارتي صحافي جو انڪشاف

ڀارتي ميڊيا ڇڪتاڻ دوران رياستي پروپيگنڊا جو هٿيار بڻيل رهي، ڀارتي ميڊيا جي پروپيگنڊا ڀارتي جمهوري دعوائن کي شڪي بڻائي ڇڏيو: آمريڪي اخبار

ڀارتي صحافي راج ديپ اعتراف ڪيو ته پاڪستاني جهاز ڪيرائڻ جي خبر غلط هئي، ڀارتي حڪومت سچ ڳالهائيندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون به ڪيو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي اخبار پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته ڀارتي ميڊيا غزه ۾ ڌماڪن جون وڊيوز پاڪستان تي حملي طور هلايون. آمريڪي اخبار موجب ڀارتي ميڊيا ڇڪتاڻ دوران رياستي پروپيگنڊا جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

## ڀارت ۾ شيري رحمان جو سوشل اڪائونٽ به بند ڪيو ويو

”ڀارت ۾ سوشل ميڊيا اڪائونٽ تي پابندي جو مقصد سچ ڳالهائيندڙن کي خاموش ڪرائڻ آهي“: شيري رحمان

ڀارتي حڪومت جو اهو قدم پهلگام واقعو جون حقيقتون لڪائڻ لاءِ کنيو ويو آهي.

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ شيري رحمان جو سوشل ميڊيا اڪائونٽ بند ڪري ڇڏيو آهي، ڀارت ۾ سوشل ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

## سنڌ حڪومت جو چين جي سهڪار سان ڪراچي ۾ جديد سپر مني ٽرڪ پلانٽ لڳائڻ جو اعلان

اهڙو اعلان سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چين ۾ منعقد هڪ تقريب دوران خطاب ڪندي ڪيو، جتي سپر مني ٽرڪ جو باقاعدي تعارف به ڪرايو ويو

چيني سيڙپڪار هن اهم منصوبي لاءِ ڪراچي ۾ پلانٽ لڳائڻ تي راضپو ظاهر ڪري چڪا آهن، جنهن سان مختلف واپاري گروپن، مقامي صنعتن ۽ نوجوان افرادي قوت کي ستو فائدو پهچندو: شرجيل انعام ميمڻ

هن منصوبي تحت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ چارجنگ اسٽيشنون به جلد قائم ڪيون وينديون: سينيئر صوبائي وزير جو تقريب کي خطاب

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه وزيراعليٰ هائوس ۾ صنعتڪارن سان ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ چين وچ ۾ صنعتي سهڪار تحت ڪراچي ۾ ”سپر مني ٽرڪ“ جي اسيمبلنگ لائين جلد قائم ڪئي ويندي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

## پاڪستان، چين ۽ افغانستان جا پرڏيهي وزير بيجنگ ۾ اهم ملاقات ڪندا

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سيائي چين جي دوري تي بيجنگ پهچندو، جتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

## پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ ختم ٿيڻ باوجود ڀارتي ايئرلائنز جي لاءِ پاڪستاني فضائي حدون بند، ڀارت جي چيلهه ڀڄي ٿي وئي

ڀارتي ايئرلائنز سميت ڪارگو سروس بند ٿيڻ تي ڀارت کي 5 ارب رپين کان وڌيڪ نقصان ٿي چڪو آهي

فضائي حدون بند هجڻ جي ڪري آمريڪ، يورپ ۽ ڪينيڊا سميت ٻين ملڪن ڏانهن ويندڙ لکين ڀارتي پيسنجر سخت پريشاني کي منهن ڏيئي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ ختم ٿيڻ جي باوجود ڀارتي ايئرلائنز جي لاءِ پاڪستاني فضائي حدون بند آهن جنهن سان ڀارتي ايئرلائنز جي چيلهه ڀڄي ٿي وئي آهي ايوي ايشن ذريعن موجب ڀارتي ايئرلائنز سميت ڪارگو سروس بند ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

## سنڌ ۾ پاڻي جي بدترين کوٽ، پنجاب سي جي ۽ ٽي پي ڪئنالن جي ڪٽ وڌائي ڇڏي

سنڌ جي سمورن بئراجن کي هڪ لک 5 هزار ڪيوسڪ انڊينٽ باوجود رڳو 40 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو آهي

پنجاب جي رڳو ٻن غير قانوني فلڊ ڪئنالن جن ۾ چشما جهلم لنڪ فلڊ ڪئنال کي 17 هزار ڪيوسڪ ۽ تونسا پنجند فلڊ لنڪ ڪئنال کي 8404 ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ سان گڏ ديم ڀرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي

پنجاب کي سئو سيڪڙو پاڻي ڪندي تي ملڻ باوجود ايندڙ ربيع جي فصل جي پوکائي لاءِ ڊيمن ۾ لاڳيتو پاڻي جمع ڪيو پيو وڃي، جنهن ڪري هن وقت سمورا ذخيرا 25.8 سيڪڙو ڀرجي ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ پاڻي جي بدترين کوٽ باوجود پنجاب چشما جهلم ۽ تونسا پنجند جي ڪٽ 25 هزار ڪيوسڪ کان به وڌائي ڇڏي آهي، روزاني عوامي آواز کي مليل دستاويزي ثبوتن موجب سنڌ جي سمورن بئراجن کي هڪ لک 5 هزار ڪيوسڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني، وفاقي وزير ڪيئل داس ڪوهستاني، قومي اسيمبلي ميمبر رميش سنگهه اروڙا جو گروپ فوٽو

## ڀارت سان ڇڪتاڻ دوران پاڪستان ٽيڪنالاجي جي حوالي سان دنيا جي سامهون اڀريو: شزا فاطمه

آئي ٽي جي شعبي ۾ سرمايو لڳائڻ جي حوالي سان سٺيون خبرون موجود آهن ۽ پاڪستان ۾ 70 ڪروڙ ڊالر کان وڌيڪ سيڙپ ڪاري جو امڪان آهي

معيشت ۾ بهتري جي حوالي سان حڪومت جي ڪوشش جا سٺا نتيجا نڪري رهيا آهن ۽ قومي معيشت ترقي جي رستي تي هلي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) آئي ٽي جي وفاقي وزير شزا فاطمه چيو آهي ته ڀارت سان تازو ٿي ڇڪتاڻ دوران پاڪستان ٽيڪنالاجي جي حوالي سان دنيا جي سامهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

## عمران خان قوم جي آخري اميد آهي، ڪيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي: منصور احمد شيخ

قوم عمران خان جي پوبان بيٺل آهي ۽ سندس فوري آزادي وقت جي اهم ترين ضرورت آهي

عمران خان تي داخل ڪيس ڪوڙا، بي بنياد ۽ سياسي انتقام جو نتيجو آهن

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي ڊويزن جي سينيئر نائب صدر ۽ صدر ٽائون ڪراچي جي چيئرمين منصور احمد شيخ پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

## ٻيرلو ڏرٽي سنڌ ۾ مايوسي ۽ خوف جو بت ٽوڙيو، عوامي مزاحمت جاري رهڻي آهي: ساڃاهه وند

ڪارپوريٽ فارمنگ، وسيلن جي ڦرلٽ ۽ مستقبل ۾ ايندڙ مائنز اينڊ منرلس ايڪٽ جهڙن سنڌ دشمن ڪارن قانونن خلاف روڊن تي اچي پرامن عوامي مزاحمت ڪرڻي پوندي

سنڌ ۾ 47ع کان وٺي سياسي بيچيني رهي آهي ڏرٽي کان اڳ ۾ سياسي جماعتن عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي ۽ احتجاج جو رستو اختيار ڪيو ٻيرلوءِ ڏرٽي جو اعلان وڪيلن ڪيو جامي چانڊيو

اها ڳالهه درست ناهي ته ٻيرلوءِ ڏرٽي کان اڳ سنڌ ۾ سياسي مايوسي ۽ مانار هئي، پر هن ڏرٽي دهشت ۽ خوف کي ضرور ٽوڙيو رياست جي پکڙيل خوف کي سنڌ جي مزاحمت پاش پاش ڪري ڇڏيو

وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال گلوبل فائونڊيشن جي صدر سان ميٽنگ ڪري رهيو آهي

حيدرآباد(رپورٽر) سنڌ جي ساڃاهه وند ڏرين چيو آهي ته ٻيرلوءِ ڏرٽو نه پهريون ڏرٽو هو ۽ نه ئي آخري. سنڌو درياهه تي ڌاڙو اڃا لڳي پيو. سنڌ جي ماڻهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر روڊن تي اچي درياهه تي ڌاڙي، ڪارپوريٽ فارمنگ، وسيلن جي ڦرلٽ ۽ مستقبل ۾ ايندڙ مائنز اينڊ منرلس ايڪٽ جهڙن سنڌ دشمن ڪارن قانونن خلاف روڊن تي اچي پرامن عوامي مزاحمت ڪرڻي پوندي. اهڙن خيالن جو اظهار هنن سنڌ جي تاريخ ساز جدوجهد ٻيرلوءِ ڏرٽي جي تجزيي جي لاءِ حيدرآباد روشن خيال فورم (حرف) پاران حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ”ٻيرلوءِ ڏرٽو: نتيجا ۽ اثر“ جي عنوان هيٺ ڪوٺايل ويهڪ کي خطاب ڪندي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: وفاقي محتسب جي علائقائي آفيسر ڪراچي جي انچارج امير احمد شيخ جو ڪي اليڪٽرڪ جي هيڊ آفيس جي دوري جي موقعي تي ڪي اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس علوي ۽ ٻين جو گروپ فوٽو

## وزيراعظم شهباز شريف اڄ ڪراچي جو دورو ڪندو

وزيراعظم شهباز شريف آپريشن بنيان مرصوص ۾ ڪردار ادا ڪندڙ پاڪ بحريا جي جوانن ۽ آفيسرن سان ملاقات ڪندو

ڪراچي پهچڻ تي پاڪ بحريا جو سربراهه ايڊمرل نويد اشرف وزيراعظم جي آجيان ڪندو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف سياڻي ڪراچي جو دورو ڪندو. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف آپريشن بنيان مرصوص ۾ ڪردار ادا ڪندڙ پاڪ بحريا جي جوانن ۽ آفيسرن سان ملاقات ڪندو. پاڪ بحريا جو سربراهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

## ڀارت ۾ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب ٻارن سميت 17 ڄڻا اجل جو شڪار

ڀارتي شهر حيدرآباد جي هڪ عمارت ۾ شارٽ سرڪٽ سبب باهه جو واقعو پيش آيو

عمارت جي گرائونڊ فلور تي جيولري جو اسٽور، جڏهن ته مٿين ماڙن ۾ ماڻهو رهندڙ هئا

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت ۾ هڪ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب ٻارن سميت 17 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب ڀارتي شهر حيدرآباد جي هڪ عمارت ۾ شارٽ سرڪٽ سبب باهه جو واقعو پيش آيو. عمارت جي گرائونڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

## پاڪستان، چين ۽ افغانستان جا پرڏيهي وزير بيجنگ ۾ اهم ملاقات ڪندا

افغانستان جو عبوري پرڏيهي وزير امير خان متقي 20 مئي چين پهچندو، پاڪستان، چين ۽ افغانستان جا پرڏيهي وزير بيجنگ ۾ ملاقات ڪندا

ٽئي ملڪ گڏيل واپار کي هٿي ڏيڻ، سيڪيورٽي سهڪار ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪندا

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سياڻي چين جي دوري تي بيجنگ پهچندو. جتي چيني پرڏيهي وزارت ۽ اسحاق ڊار وچ ۾ ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

راولپنڊي: گهرو وزير محسن نقوي مولانا ثاقب رضا سان ملاقات ڪري رهيو آهي

## سوات ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ زلزلي جا لوڏا

زلزلي جي شدت 4.7 هئي ۽ مرڪز زمين کان 205 ڪلوميٽر گهرائي ۾ هو

زلزلي سبب ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جا اطلاع ناهن مليا

سوات (م ڊ) سوات ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. زلزلي پيما مرڪز موجب زلزلي جي شدت 4.7 هئي ۽ مرڪز زمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

## ڪراچي ۾ اڄ موسم سخت گرم رهڻ جو امڪان

شهر ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ موسم اڄ انتهائي گرم رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته شهر ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 37 ڊگري سينٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

## ڪراچي ۾ ڇت ڪرڻ سبب زخمي ٿيل ڇوڪري فوت

حادثو ڪراچي جي سرجاني سيڪٽر 4 ڊي علائقي ۾ پيش آيو: سرجاني پوليس

حادثي ۾ زخمي ٿيل 8 ماڻهو عباسي شهيد اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي سرجاني ٽائون علائقي ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ جي واقعي ۾ هڪ ڇوڪري فوت ٿي وئي. پوليس موجب حادثو ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سوهڻا: بلال اظهر ڪياني تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## پوليس مقابلي کان پوءِ منشيات فروش زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪارسوار جوابدار وڏي مقدار ۾ منشيات اسمگلنگ ڪري رهيو هو ته پوليس ٻيهڻ جو اشارو ڪيو

جوابدار وٽان هڪ 9 ايم ايم پسٽل، ايمونيشن ۽ موبائل فون ۽ استعمال هيٺ ڪار هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) محمود آباد ٿاڻي جي علائقي چنيسر گوٺ ويجهو آچر جي صبح پوليس ۽ منشيات فروش جي وچ ۾ مقابلو ٿيو ڪارسوار جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

## ڪراچي ۾ ٽيڪسي ڦر جو واقعو، جوابدار مقابلي ۾ مارجي ويو

هٿيارن جي زور تي ڪار کسيندڙ ڌوهاري مبينه مقابلي ۾ مارجي ويو

پوليس مقابلي دوران هڪ ڌوهاري کي مارڻ جي دعوي ڪئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي سهراب گوٺ مان آنلائين ٽيڪسي ڦر ڪندڙ کان پوءِ هٿيارن جي زور تي ڪار کسيندڙ ڌوهاري مبينه مقابلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

## ڀارتي اڳرائي کي دنيا ۾ وائکو ڪرڻ لاءِ بلاول ڀٽو جي سربراهي ۾ خاص ڪاميٽي قائم

وزيراعظم شهباز شريف ڀارتي جارحيت کي عالمي برادري سامهون اجاگر ڪرڻ لاءِ بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي ڇڏي

بلاول ڀٽو زرداري تازي پاڪ _ ڀارت ڇڪتاڻ کي ڏسندي وفد سان گڏ يورپ جو دورو ڪندو ۽ عالمي برادري کي ڀارتي جارحيت کان آگاهه ڪندو

بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ قائم ڪيل ڪميٽي ۾ خرم دستگير، حنا رباني کهر ۽ جليل عباسي جيلاني، شيري رحمان شامل

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ڀارتي جارحيت کي عالمي برادري سامهون اجاگر ڪرڻ لاءِ بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي ڇڏي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۾ ٽيليفونڪ رابطو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

## اسانجي جوانن ڏينهن جي روشني ۾ پوري قوم جو ڪنڌ فخر سان بلند ڪيو آهي: گورنر سنڌ

جهڙي طرح اسان ۽ اسانجي سپه سالار ڀارت کي چماٽ وهائي ڪڍي آهي آئنده ڀارت اهڙي ڪڏهن به همت نه ڪندو

اسانجي فوجي جوانن کي اهو ڏک ناهي ته اهي زخمي آهن ڪين ڏک ان ڳالهه جو آهي ته اهي شهيد ڇو نه ٿيا: ڪامران ٽيسوري

اسين ميجر، جنرل، ليفٽيننٽ ۽ ڪرنلز ۽ سندن فيملي کي سلام پيش ڪيون ٿا جن پنهنجي گهروارن سان آخري ملاقات ڪري جنگ لاءِ ويڙهه جو چيو جاڪاڻ جو سندن ۾ شهادت جو جذبو هو

حيدرآباد (بيورو) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري اڄ ڪمبائينڊ ملٽري اسپتال (سي ايم ايڇ) ڪنٽونمينٽ صدر حيدرآباد ۾ تازي پاڪ ڀارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

حيدرآباد: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## عالمي سطح تي مودي حڪومت جي سفارتي ناڪامي بينقاب

اسلام آباد (م ڊ) بي بي سي ۽ ٻين انٽرنيشنل ميڊيا جي ذريعن جي رپورٽن مطابق تازو ئي عالمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

## ايندڙ مالي سال لاءِ وفاقي بجيٽ ساڍا 17 هزار ارب رپين کان 18 هزار ارب رپين تائين رهڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو

ايف بي آر ايندڙ مالي سال دوران 14 هزار 307 ارب روپيا ٽيڪس گڏ ڪندو 6 هزار 470 ارب رپيا ڊائريڪٽ ٽيڪس جي مد ۾ جمع ڪيا ويندا

فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي جي مد ۾ 11 سو 53 ارب روپيا ۽ سيلز ٽيڪس جو حدف 4943 ارب روپيا مقرر ڪيو ويو آهي

ڪسٽمز ڊيوٽي جي مد ۾ 1 هزار 741 ارب روپيا پيٽروليم ليوي جو هدف 13 سو يارنهن ارب رپيا مقرر ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) ايندڙ مالي سال لاءِ وفاقي بجيٽ ساڍا 17 هزار ارب رپين کان 18 هزار ارب رپين تائين رهڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي ذريعن موجب ايف بي آر ايندڙ مالي سال دوران 14 هزار 307 ارب روپيا ٽيڪس گڏ ڪندو 6 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

## پاڪستان جن طالبان لاءِ الزام برداشت ڪيا، اڄ اهي ئي اسرائيل ۽ ڀارت سان گڏ بيٺا آهن: خواجا آصف

اهو مان نه پيو چوان، اهو پراوين ساهني چئي رهيو آهي، جيڪو ڀارتي ميڊيا جو آواز آهي: دفاع وارو وفاقي وزير

سينيئر ڀارتي صحافي ۽ دفاعي تجزيي نگار چيو ته پاڪستان خلاف آپريشن سندور تي سڄي دنيا ۾ رڳو اسرائيل ۽ افغانستان ڀارت جي حمايت ڪئي

سيالڪوٽ (م ڊ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته پاڪستان جن طالبان لاءِ آمريڪا ۽ اولهه ملڪن جا الزام برداشت ڪيا، اڄ اهي ئي طالبان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

## پاڪستان ۽ ڀارت جي ملٽري آپريشنز جا ڊي جي اچ ٻيهر رابطو ٿيندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ ڀارت جي ملٽري آپريشنز جا ڊي جي اڄ ٻيهر رابطو ۾ ٿيندو، پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي شاهراهه ڀٽو ملير ايڪسپريس وي جي تزئين ۽ آرائش جي سلسلي ۾ ٿيل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

## غزه ۾ اسرائيلي جارحيت جو سلسلو جاري، شهيد فلسطينين جو انگ 1 سئو 25 تي ويو

غزه جي سيف زون ۾ المواسي ڪئمپ تي اسرائيلي حملي ۾ 36 فلسطيني شهيد ٿي ويا: عرب ميڊيا

7 آڪٽوبر 2023 کان وٺي غزه ۾ اسرائيلي جارحيت ۾ 230 کان وڌيڪ صحافي شهيد ٿي چڪا آهن

غزه (م ڊ) صبح کان غزه تي جاري اسرائيلي حملن ۾ مارجي ويل فلسطينين جو انگ 125 تائين پهچي ويو آهي. عرب ميڊيا جي رپورٽن موجب غزه جي سيف زون ۾ المواسي ڪئمپ تي اسرائيلي حملي ۾ 36 فلسطيني شهيد ٿي ويا. رپورٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

## ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ 14 ڪلاڪن تائين پهچي وئي

شهر جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جو دورانيو 14 ڪلاڪن تائين پهچي ويو ۽ لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ وارن علائقن ۾ به 12 کان 14 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي

ڪراچي جي علائقي لياري، اولڊ سٽي ايريا، ڪياماڙي، ڪورنگي، اورنگي، لانڍي، سهراب ڳوٺ، سرجاڻي ٽائون، ملير ۾ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي

لوڊشيڊنگ جي دورانيي جو دارومدار بجلي چوري ۽ نقصانن جي شرح تي آهي، علائقائي فالٽز کي لوڊشيڊنگ سان ڀيٽ ڏيڻ درست ناهي: ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي ڏکڻي لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري آهي. شهر جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جو دورانيو 14 ڪلاڪن تائين پهچي ويو ۽ لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ وارن علائقن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

## ڀارت جو سيٽلائيٽ مشن ٽيڪنيڪي خرابي سبب ناڪام ٿي ويو

ڀارت جو سيٽلائيٽ مشن ٽيڪنيڪي خرابي سبب ناڪام ٿي ويو ۽ مدار ۾ نه پهچي سگهيو

انڊين خلائي تحقيقاتي اداري (اسرو) جي نئين سيٽ لائيٽ EOS_09 کي زمين کان مدار ۾ موڪلڻ جو مشن ان وقت ناڪام ٿي ويو

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت جو سيٽلائيٽ مشن ٽيڪنيڪي خرابي سبب ناڪام ٿي ويو ۽ مدار ۾ نه پهچي سگهيو. پرڏيهي ميڊيا موجب انڊين خلائي تحقيقاتي اداري (اسرو) جي نئين سيٽ لائيٽ EOS_09 کي زمين کان مدار ۾ موڪلڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

حيدرآباد: سيڊا آفيس ۾ يوم تشڪر جي تقريب کي صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو خطاب ڪندي

گهنگهريا گهڻ جاڻ، موڙهي مَتِ مَهائِيين؛
وِيا گڏجي وِيرِ ۾، پِيا مُنهن مَهراڻِ؛
اڳيان پويان تاڻ، وِيا ويچارَن وِسري.



رابطي لاءِ: 03153327758

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو سيد شفقت حسين شاهه

روزاني عوامي سوچ ڪراچي — Daily AWAMI SOCH KARACHI

سومر 19 مئي 2025ع


# سنڌ جي تعليم زبون حال عمارتن جي ور چڙهيل، بهتري آڻڻ جي ضرورت

سنڌ جي تعليمي پاليسين جو مقصد "هر ٻار لاءِ معيار واري، محفوظ ۽ برابر تعليمي موقعن جي فراهمي" آهي، پر افسوس جو ڪوٽ ڪان ڪاڇي تائين جي زميني حقيقتون ان دعوي جي بلڪل ابتڙ نظر اچن ٿيون. جتي سوين اسڪولن جون عمارتون زبون حال بڻجي چڪيون آهن، اتي تعليم صرف ڪاغذن تي ئي زنده آهي.

تعليم کاتو هر سال لکين روپين جو بجيٽ ڏسي ٿو. استادن جون هزارين ڀرتيون به ٿين ٿيون، پر انهن استادن لاءِ جيڪي سهولتون ناهن، اتي پڙهائڻ ۽ سکڻ جو ڪهڙو فائدو؟ ڪاڇي جهڙن علائقن ۾ اڪثر اسڪولن جون عمارتون خطري واري حالت ۾ آهن، جنهن سبب نه ٻار اسڪول اچڻ چاهين ٿا، نه ئي والدين پنهنجي ٻارن کي موڪلڻ لاءِ تيار آهن.

گذريل پنجن سالن دوران برساتن سبب تباهي اسڪولن جي عمارتن کي اڃا ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. اڄ ڪاڇي جو ڪو به ڳوٺ اهڙو ناهي، جتي سرڪاري اسڪول مڪمل طور محفوظ هجي. ڪيترن ئي اسڪولن جون ڇتون ٽٽي پيل آهن، ديوارون ڪريل آهن، ۽ ڪجهه جا نشان به باقي نه رهيا آهن. ان کان وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته تعليم کاتي جي انتظاميه ۽ ضلعي عملدارن جي اکين اڳيان اها صورتحال آهي، پر ڪو به سنجيده قدم کنيو نٿو وڃي.

اسين سمجهون ٿا ته سنڌ جي تعليم پاليسي ۾ ذڪريل "مساوي ۽ محفوظ تعليم" جي واعدي کي حقيقت بڻائڻ لاءِ هاڻي صرف بيانن يا ميٽنگن سان ڪم نه هلندو. حڪومت کي گهرجي ته: * فوري طور ڪاڇي جي تباهه ٿيل اسڪولن جو سروي ڪرائي. * مرمتي ڪم لاءِ بجيٽ مختص ڪري ۽ ان تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي. * اسڪولن جي حالت بابت سڄيون رپورٽون عوام آڏو پيش ڪيون وڃن. * تعليم کاتي جي مانيٽرنگ نظام کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ جيڪي عملدار پنهنجون ذميواريون نظرانداز ڪن، انهن کي جوابده بڻايو وڃي.

اسين سمجهون ٿا ته هي ئي وقت آهي ته سنڌ حڪومت تعليم بابت پنهنجي پاليسين کي ڪاغذن کان ٻاهر آڻي، ميدان ۽ لاڳو ڪري. اسڪولن جي عمارتن جي بحالي، استادن جي حاضري ۽ نگراني، ۽ ٻارن لاءِ محفوظ ماحول پيدا ڪرڻ کي اوليت ڏني وڃي. جيڪڏهن حقيقي صورتحال معلوم ڪري، تعليم جي بهتري لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن ته ئي اسان جا ٻار روشن مستقبل ڏانهن وڌي سگهندا. ان لاءِ استادن، والدين، ۽ مقامي ماڻهن کي به ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ اسڪولن جي تعمير ۽ مرمت جي ڪم جي شفاف مانيٽرنگ ڪرايو وڃي. بجيٽ جي شفاف ورهاست، ته جيئن فنڊز صحيح جاءِ تي خرچ ٿين ۽ ڪو وسيلو ضايع نه ٿئي. سنڌ جي تعليم جو مستقبل هن وقت فيصلاتي موڙ تي بيٺو آهي. جيڪڏهن هاڻي به حڪومتي مشينري، تعليمي ادارا، ۽ سماج سنجيدگي نه ڏيکاري، ته پوءِ نسلون تعليم جي روشني بدران اونداهين ۾ ڀٽڪنديون. تعليم صرف پاليسيءَ جو نالو ناهي، اهو عمل، ذميواري، ۽ ايمانداريءَ جو نالو آهي- ۽ هاڻ وقت آهي ته انهن لفظن کي حقيقت بڻايو وڃي.

# درياهن جي وهڪرن ۾ گهٽتائي ۽ پاڻي جو مستقبل

**تحرير: محمد احسان لغاري**

پاڪستان جا هاڻوڪا علائقا جيڪي صدين کان سنڌو درياهه ۽ ان جي معاون درياهن جي وهڪرن تي سرسبز رهيا آهن، اڄ هڪ اهڙي پاڻي جي بحران جي ڪنڌيءَ تي بيٺا آهن جيڪو ان جي زرعي ڍانچي، ماحولياتي ۽ توانائي جي توازن کي ڌوڏي سگهي ٿو. هي بحران نه سنڌ اڳي ئي پوڳي رهي آهي. 1980 کان 2022 تائين درياهن جي وهڪرن جي ڏيتا جو تجزيو انهيءَ حقيقت کي وائکو ڪري ٿو ته اولهه وارن درياهن (سنڌو، جهلم، چناب) ۽ اوڀر وارن درياهن (راوي، ستلج) ٻنهي جي وهڪرن ۾ خطرناڪ گهٽتائي ٿي آهي.

1960 جي سنڌ طاس معاهدي تحت، ڀارت کي اوڀر وارن درياهن تي مڪمل اختيار حاصل آهي، جڏهن ته پاڪستان کي رڳو چؤماسي ۾ اوڀر وارن درياهن مان ڪجهه پاڻي ملي ٿو ۽ اهو به ان وقت جڏهن اولهه وارا درياهه به ڀريل هجن ٿا جنهن ڪري اهو پاڻي عملي طور استعمال جوڳو نه ٿو رهي. مٿين وارا پنهنجو حصو يا ان کان وڌيڪ پاڻي وٺن ٿا. انهن کي ڪوٽ جي يا وهڪرن جي گهٽتائي جي ڪهڙي خبر! موسمي تبديلي، ڦير گهير اپ اسٽريم بندشون ۽ ناقص پاڻيءَ جي انتظامي پاليسيون هن ٻٽي بحران جا بنيادي سبب آهن.

شمارياتي خبرداريڪل وارننگ:

درياهن جو ڏيتا (ملين ايڪڙ فٽ ۾) 41 سالن جي حقيقي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو جيڪو ٻن دورن ۾ ورهايل آهي: 1981–2000 ۽ 2001–2022. اولهه وارن درياهن جي مجموعي وهڪري جي سراسري 137 MAF مان گهٽجي 116 MAF تي وئي. يعني 15 سيڪڙو گهٽتائي! سنڌو درياهه جو وهڪرو 88 MAF مان 72 MAF، جهلم جو 23 مان 21، ۽ چناب جو 27 مان 23 MAF تي اچي ويو آهي.

اوڀر وارن درياهن جي حالت وڌيڪ خراب آهي. انهن جو سراسري وهڪرو 8.55 MAF مان گهٽجي صرف 2.88 MAF تي ويو. يعني 66 سيڪڙو جي گهٽتائي! وڌ ۾ وڌ وهڪرو 16.58 مان 7.10 MAF، ۽ گهٽ ۾ گهٽ 1.08 مان 0.30 MAF تي اچي ويو. ڦهلاءُ / Variance به 19.01 مان گهٽجي 4.12 MAF تي ويو جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اوڀر وارن درياهن جو پاڻي نه صرف گهٽجي چڪو آهي، پر هاڻي مسلسل گهٽ ٿي رهي ٿو.

شمارياتي لاڙا ڇا ٿا ٻڌائين:

شمارياتي/اسٽيٽسٽڪل انگ "لينيئر ريگريشن" مان معلوم ٿئي ٿو ته اولهه وارن درياهن جي سراسري ساليانِي گهٽتائي لڳ ڀڳ هڪ 1 MAF جي برابر آهي، جنهن مان سڀ کان وڏي گهٽتائي سنڌو درياهه ۾ آهي 0.78 MAF / في سال! جهلم (0.07_) ۽ چناب (0.16_) جي گهٽتائي شمارياتي طور گهٽ اهميت رکي ٿي. يعني سڀ کان وڌيڪ سنڌو ۾ گهٽتائي اچي پئي، وري راتاها به سنڌو تي آهن ۽ سکل به سندس ڊيلٽا آهي! اوڀر وارا درياهه هر سال 0.24 MAF گهٽجي رهيا آهن. اهو به ياد رکو ته اوڀر جا درياهه ته گهٽائي سگهجي ٿو. ٻيهر ٻني ٻارو ڪرڻ، ۽ سوڪڙي واري

صدر ايوب اڳي ئي وڪرو ڪري چڪو هو! پنجن سالن واري "موونگ ايوريج" / وقت سان تبديل ٿيندڙ سراسري ملهه مان مجموعي لاڙن جو پتو پوي ٿو. اولهه وارا درياهه 1993. 94 ۾ 151 MAF تي هئا، جيڪي 2018–19 ۾ فقط 112 MAF رهجي ويا. اوڀر وارا درياهه 1993. 94 ۾ 10.02 MAF تي هئا، پر 2000 کان پوءِ لڳاتار 1 کان 4 MAF تائين گهٽجي ويا. اها تيز گهٽتائي ڀارت جي اپ اسٽريم ڪنٽرول جي عڪاسي ڪري ٿي، جيڪا سنڌ طاس معاهدي جو اصل نقطو آهي.

بحران جا ڪارڻ:

هيماليا ۾ وڌندڙ گرمي جي پد جي ڪري گليشئرز جي ڳرڻ جي رفتار تيز ٿي وڌي آهي، پر برفباريءَ ۾ گهٽتائيءَ سبب مستقبل ۾ پاڻيءَ جي شديد ڪوٽ پيدا ٿيندي. ڪجهه رپورٽن موجب، 2100 تائين هندوڪش_هماليا جي هڪ ٽياڱي تي/ ٽيون حصو يا اڌ گليشئرز ختم ٿي سگهن ٿا. پاڪستان جي اندر، خاص طور تي خريف جي موسم ۾، زرعي ضرورتن کان وڌيڪ پاڻي ڪڍيو ويندو آهي، جنهن سان اولهه وارن درياهن تي دٻاءُ وڌي ٿو. هنن سڀني سببن سان گڏ، مونسون/چؤماسي جي بي ترتيبي به بحران کي وڌائي رهي آهي.

انساني ۽ معاشي اثر:

اولهه وارا درياهه ملڪ جي 90 سيڪڙو آبپاشي جي ضرورتن کي پورو ڪن ٿا، جيڪي پاڪستان جي ٻهراڙي جي معاشيات جو 70 سيڪڙو ۽ 80_90 ارب ڊالر جو زرعي شعبو سنڀالين ٿا. 21 MAF جي گهٽتائي سڌو سنئون ڪڻڪ، چانور، ڪمند ۽ ڪپهه جي پيداوار کي متاثر ڪري رهي آهي، ۽ 25 ڪروڙ جي آباديءَ لاءِ خوراڪ جي ڪوٽ جو خطرو وڌائي پئي. ڇيڙين ۾ يا ٻيواهن ذميندارن جون لکين ايڪڙ ٻنيون پوٺيون پيون آهن.

1960 معاهدي جو ڪيل ويل:

سنڌ طاس معاهدو، جيڪو بظاهر برابري تي ٻڌل آهي، عملي طور ڀارت کي اوڀر وارن درياهن تي مڪمل اختيار ڏئي ٿو. ان تضاد سبب پاڪستان مسلسل هڪ گهٽجندڙ سنڌو درياهي نظام تي ڀاڙي رهيو آهي. حيرت جي ڳالهه ته سنڌ ۽ ڊيلٽا جي لاءِ نه تڏهن سوچيو ويو هو نه اڄ ڪو سنجيده قدم کنيو ويو آهي. آئين، جمهوريت ۽ انصاف جا نعرا به سنڌ جي سورن لاءِ درمان نٿا ٿين!

اڄ جي تاريخ ڊيمز ۾ 3.5 MAF پاڻي ذخيرو ٿيل آهي ۽ درياهن ۾ 2 لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ وهڪرو اچي رهيو آهي، پر سنڌ ۾ 35 سيڪڙو پاڻي جي ڪوٽ آهي، ۽ وڌندڙ گرميءَ ۾ زمين ۽ ماڻهو ٻئي ٻاڪارين پيا. ڪو ٻڌڻ وارو ئي ناهي!

ڪهڙا قدم کڻجن:

هن بحران جو نبيرو فقط بيانن ۾ نه، پر عمل ۾ آهي. اولهه وارن درياهن لاءِ ريئل ٽائيم مانيٽرنگ/ هلندڙ وقت ۾ جانچ، موسمي ماڊلنگ، ۽ منصفاڻي ورڇ کي هٿي ڏيڻ گهرجي. ڊرپ ايريگيشن ۽ لائن ٿيل ڪينالن سان پاڻيءَ جو ضايع ٿيڻ گهٽائي سگهجي ٿو. ٻيهر ٻني ٻارو ڪرڻ، ۽ سوڪڙي واري حالتن ۾ پائيدار فصل موسمي مزاحمت کي وڌائي سگهن ٿا. اوڀر وارن درياهن لاءِ معاهدي ۾ ماحولياتي وهڪرن کي شامل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. ۽ سنڌو درياهه لاءِ به ماحولياتي وهڪرو بلڪل لازمي آهي. جيڪڏهن اسان سمجهون!

ننڍا ڊيم، مينهن جي پاڻيءَ جو ذخيرو ڪرڻ لاءِ منصوبابندي، شمسي ۽ هوائي توانائي جي ذريعن مان مدد، ۽ عالمي ادارن سان علمي سهڪار ذريعي پاڻيءَ جي مربوط انتظام جي نئين راهه تي هلڻ گهرجي. سنڌ ۽ ڊيلٽا جي سورن کي قومي سور سمجهي شراڪتي، پائيدار ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن. اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته پاڻي گهٽجي چڪو آهي. ۽ انهيءَ جو سڀ کان وڏو بار هيٺاهان وارث، يعني سنڌ جا هاري، مهاڻا، ڊلٽا جا رهواسي ۽ زرعي مزدور پوڳي رهيا آهن!

ڀارت کي هاڻ سمجهڻ گهرجي ته هو ڏکڻ ايشيا جو بدمعاش نه آهي، ۽ هن کي پاڪستان سان برابريءَ جي بنياد تي، سنڌ طاس معاهدي سميت، سڀني مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻي پوندي. افغانستان سان به پاڻيءَ جي معاملي تي علائقائي ڊائلاگ جي ضرورت آهي. جنهن نموني قوم ڀارت جي سامهون هڪ لوهي ديوار بڻجي بيٺي، ساڳئي جذبي سان وفاق کي ننڍن صوبن جي پاڻيءَ جي حقن کي تحفظ ڏيڻ گهرجي.

اهم ڳالهيون ورجائيندي:

پاڪستان جا درياهه هڪ خاموش تنبيهه ڏئي رهيا آهن. اولهه وارن درياهن ۾ سال پاڻي 1.01 MAF ۽ اوڀر وارن ۾ 0.24 MAF جي گهٽتائي، جيڪا 2000 کان وٺي 66 سيڪڙو تي چڪي آهي، خطرناڪ مستقبل ڏانهن اشارو ڪري ٿي. معاهدي جي سخت پابنديءَ اوڀر وارن درياهن کي غير فعال بڻائي ڇڏيو آهي، ۽ پاڪستان هڪ گهٽ ٿيندڙ پاڻي جي نظام تي ڀروسو ڪرڻ تي مجبور آهي.

هن بحران جي قيمت بلڪل واضح آهي: خوراڪ جي ڪوٽ، توانائي جو بحران، ۽ معاشي هيٺاهين سان گڏ ڊيلٽا جو گم ٿيڻ! پر سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته جڏهن موجوده نظامن لاءِ به پاڻي موجود ناهي، ته اسان نون واهن / ڪئنالن جا خواب ڪيئن ڏسي سگهون ٿا؟ ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ انهن رٿائن جي سخت مخالفت ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌو درياهه، جيڪو اڳ ئي سڀ کان وڌيڪ متاثر آهي، هاڻ وڌيڪ دٻاءُ برداشت نه ٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن اهي نوان منصوبا لاڳو ڪيا ويا ته نه فقط سنڌ جي زراعت، پر سڄو ڊيلٽا ۽ هيٺاهين علائقو ناقابل تلافي نقصان جو شڪار ٿي ويندو. پر اميد باقي آهي. سفارتي عزم، فني جدت، عالمي سهڪار ۽ بهتر طرز حڪمراني سان گهٽ بهتري اچي سگهي ٿي. فيصلي واري گهڙي اچي چڪي آهي: يا ته اسان پنهنجن درياهن جو مستقبل بچايون، يا هميشه لاءِ وڃايون. هاڻ عمل جو وقت آهي.

# پاڪ ڀارت لاڳاپا بهتر ٿيڻ گهرجن

**تحرير: رياض ابڙو**

هندستانين پنهنجي طرفان سوچيو هيو ته اهي ٽرمپ انتظاميا سان پنهنجي اندروني لاڳاپن کي استعمال ڪري ويندا. ٽيرف ۽ جهازن جي زبردستي خريداري کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ شايد انهن جي ضرورت ناهي ۽ تيل جيڪي اهي آساني سان صاف نٿا ڪري سگهن.

بهرحال، دهشتگرد حملي مان پيدا ٿيل بحران به وينس جي سخت وڪرو کي آسان ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هيو. ٽرمپ جا سيڪريٽري صرف ٽرمپ کي خوش ڪرڻ جي پرواهه ڪن ٿا. مسڪ لاءِ هندستان سندس محبوب جي جادوئي وطن ناهي، پر صرف هڪ موقعو آهي ته هو احسان حاصل ڪري ۽ ٽرمپ جي ڊيل هنٽرن جي ٽولي ۾ سڀ کان وڏو گهرجائو بڻجي. توڙي جو هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ تڪرار بدقسمتي آهي، پر معمول جي عالمي راند ان جي پنيان ضرور آهي. آمريڪا سان هندستان جي واپاري جنگ، بهرحال، هڪ ٻي صورت ۾ وڌندڙ هندستاني معيشت لاءِ صرف غيريقيني صورتحال ۽ ڊپريشن کي ظاهر ڪري ٿي.

ٽئين پارٽي جي ٽياڪڙي ذريعي 1947 کان وٺي تڪرار حل ڪيا ويا آهن، جڏهن برصغير کي ورهاڱي ذريعي ورهايو ويو ۽ هندستان ۽ پاڪستان پنهنجي پهرين جنگ وڙهي. رياست جمون ۽ ڪشمير جي ملڪيت تي هڪ سال جي جنگ ڪانپوءِ گڏيل قومن جي ثالثي ۾ جنگ بندي ذريعي 1948 ۾ ئي ڪشمير کي هندستان ۽ پاڪستان جي انتظامن هيٺ مؤثر طريقي سان ورهايو. 1965 جي هندستان پاڪستان جنگ جنوري 1966 ۾ تاشقند جي اعلان سان ختم ٿي، اڳوڻي سوويت يونين جي ثالثي ڪانپوءِ معاهدي ۾ هندستاني وزيراعظم لال بهادر شاستري ۽ پاڪستاني صدر ايوب خان جنگ کان اڳ جي پوزيشن ڏانهن واپس وڃڻ ۽ سفارتي ۽ اقتصادي لاڳاپن کي بحال ڪرڻ تي متفق ٿيا. 1999 جي ڪارگل جنگ دوران پاڪستاني فوجون ايل او سي پار ڪري هندستاني پوزيشن تي قبضو ڪري ورتو. ان وقت جي آمريڪي صدر بل ڪلنٽن پاڪستاني وزيراعظم نوازشريف کي بين الاقوامي اڪيلائي جي خبرداري ڏيکاري پوئتي هٽڻ لاءِ قائل ڪيو. 2002 ۾ ان وقت جي آمريڪي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڪولن پاول دعويٰ ڪئي هئي ته هن ۽ سندس ٽيم ڊسمبر 2001 ۾ هندستاني پارليامينٽ تي حملي ڪانپوءِ ايل او سي تي هڪ سخت تعطل جي خاتمي ۾ ثالثي ڪئي هئي ۽ پاول چيو ته ڳالهين ذريعي هن کي پاڪستان جي صدر پرويزمشرف کان يقين ڏياريو هيو ته ايل او سي پار دراندازي جي سرگرمي بند ٿي ويندي ۽ هٿياربند گروپن کي پاڪستاني علائقي تي ختم ڪيو ويندو.

بين الاقوامي انساني قانون، جهڙوڪ جنيوا ڪنوينشن جنگ جي بدران بين الاقوامي هٿياربند تڪرار جي اصطلاح استعمال ڪري ٿو. ان کي رياستن جي وچ ۾ هٿياربند فوجن جي ڪنهن به استعمال جي طور تي وڌيڪ وسيع طور تي بيان ڪري ٿو. پر ڪا به ڌران کي جنگ نه سڏي. بين الاقوامي قانون ماهرن مطابق طاقت جي سيني استعمالن کي هٿياربند تڪرارن جي طور تي درجه بندي ڪئي وئي آهي. ساڳي جاءِ تي جنگبندي جو معاهدو جنگ جي شروعات جو پڻ اشارو ڏئي سگهي ٿو. هندستان 23 اپريل تي پاڪستان سان تاريخي سنڌو طاس معاهدي معطل ڪيو. ان قدم کي پاڪستان هڪ دشمن وارو عمل قرار ڏنو. سياسي سائنسدان عام طور تي چون ٿا ته جنگ صرف تڏهن ٿيندي آهي جڏهن ويڙهه ڪافي شديد ٿي ويندي آهي. البانيءَ يونيورسٽي ۾ پوليٽيڪل سائنس جي اسسٽنٽ پروفيسر ڪرسٽوفر ڪلري مطابق عام طور تي 1,000 جنگي موت ئي ڪا جنگ جي نشاني چئي سگهجن ٿا.

بهرحال، حڪومتن لاءِ جنگيون تڏهن ٿينديون آهن جڏهن اهي ائين ڪن يا ٿي سگهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته هندستان ۽ پاڪستان پاران فوجي ڪارروايون ۾ تازو اضافو طاقت جي نشاندهي بابت هو ۽ اهي فوجي مقصدن بابت هئا ۽ اهو پڻ گهريلو ۽ بين الاقوامي تاثر کي منظم ڪرڻ جي وسيع ڪوشش جو حصو هو. برطانيه ۾ قائم فوجي تجزيه نگار شان بيل چئي ٿو ته هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي جي موجوده بيان بازي کي گهٽو ڪري هٿ وٺي وڌايو ويو. ٻنهي ملڪن واضع ڪوشش ڪئي ته هڪ مضبوط فوجي جواب ڏنا وڃن پر ٽياڪڙي ڪندڙن جي اها ڳالهه پلي آهي ته اهي ٻئي ملڪ هڪ دفعو ٻيهر ڳالهين جي ٽيبل ويهن ۽ ملي جُلي مسئلن کي حل ڪن ته جيئن خطي ۾ امن جا ڪبي اڏري سگهن.

**بقايا 01 ***++*++**

آءِ ايم ايف ڪان پگهار دار طبقي، تمباڪو ۽ مشروبات جي شعبي لاءِ ٽيڪسن ۾ سڌارن جي درخواست ڪئي آهي، آءِ ايم ايف پگهار دار طبقي لاءِ ٽيڪس جي شرحن ۾ گهٽتائي تي اعتراض واريو آهي، جيڪڏهن 0.2 ملين کان 0.4 ملين رپين ماهوار آمدني رکندڙ وچولي طبقي لاءِ ٽيڪس جي شرح گهٽ ڪئي وڃي ٿي ته ان صورت ۾ امڪاني وڌندڙ آمدني بابت پڇا ڳاڇا ڪئي آهي، تمباڪو جي شعبي ۾، (سگريٽ جي پيڪيٽ جي) گهٽ ۾ گهٽ قانوني قيمت (MLP)، جيڪا هن وقت 162.25 رپيا في پيڪيٽ آهي، ان ۾ اضافي جو امڪان آهي، چاڪاڻ ته هن وقت 80 سيڪڙو کان وڌيڪ برانڊز هيءَ قيمت يا ان کان ٿورو وڌيڪ تي وڪرو ٿي رهيا آهن.

**بقايا 02 ***++*++**

هٿيار ڦٽيل رهي، ڀارتي ميڊيا جي پروپيگنڊا ڀارتي جمهوري دعوائن کي شڪي بڻائي ڇڏيو، آمريڪي اخبار چيو آهي ته انهن سڀني خبرن جو نه ڪو ثبوت موجود هو نه ئي ڪا آزاد تصديق، ڀارتي ميڊيا انهن دعوائن کي ائين پيش ڪيو، ڄڻ اهي حتمي حقيقتون هجن. ڀارتي صحافي راج ديپ اعتراف ڪيو ته پاڪستاني جهاز ڪيرائڻ جي خبر غلط هئي، ڀارتي حڪومت سچ ڳالهائيندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون به ڪيو، ڀارتي حڪومت جي قانوني درخواست تي 8 هزار کان وڌيڪ اڪائونٽن کي بلاڪ ڪيو ويو، جن ۾ اڪثريت پاڪستاني اڪائونٽن جي آهي.

**بقايا 03 ***++*++**

اڪائونٽ بلاڪ ٿيڻ ڪانپوءِ سينيٽر شيري رحمان هڪ بيان ۾ چيو آهي ته "ڀارت ۾ سوشل ميڊيا اڪائونٽ تي پابندي جو مقصد سچ ڳالهائيندڙن کي خاموش ڪرائڻ آهي ۽ ڀارتي حڪومت جو اهو قدم پهلگام واقعو جون حقيقتون لڪائڻ لاءِ کنيو ويو آهي." شيري رحمان وڌيڪ چيو ته "ڀارت جي ان ڪارروائي جي عالمي سطح تي مذمت ٿيڻ گهرجي، ڀارت ڇا به ڪري پر سچ کان فرار نٿو ٿي سگهي." هن چيو ته "ڀارت پهلگام حملي ڪانپوءِ بنا جواز جارحيت ڪئي، جنهن جي خلاف پاڪستان ذميواراڻي انداز ۾ دفاع ڪيو ۽ جيڪڏهن ڀارت ٻيهر ڪنهن مهم جي ڪوشش ڪندو ته پاڪستان اثرائتو جواب ڏيندو." واضح رهي ته ڀارتي حڪومت جي درخواست تي ڪيترن ئي پاڪستانين جا سوشل ميڊيا اڪائونٽس ڀارت ۾ بند ڪيا ويا آهن.

**بقايا 04 ***++*++**

.اهڙو اعلان سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چين ۾ منعقد هڪ تقريب دوران خطاب ڪندي ڪيو. جتي سپر مني ٽرڪ جو باقاعدي تعارف به ڪرايو ويو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته چيني سيڙپڪار هن اهم منصوبي لاءِ ڪراچي ۾ پلانٽ لڳائڻ تي راضپو ظاهر ڪري چڪا آهن. جنهن سان مختلف واپاري گروپن، مقامي صنعتن ۽ نوجوان افرادي قوت کي سڌو فائدو پهچندو. هن چيو ته هن منصوبي تحت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ چارجنگ اسٽيشنون به جلد قائم ڪيون وينديون. چيني ڪمپني "چيري هولڊنگ" ۽ "پيدي ٽيڪنالاجي ڪمپني لميٽيڊ" جي ڀائيواري سان تيار ڪيل سپر مني ٽرڪ هڪ انقلابي ايجاد آهي. جيڪا شهري ۽ ٻهراڙي جي علائقن ۾ لاجسٽڪس مسئلن لاءِ گهٽ خرچ، پائيدار ۽ پهچ جوڳو حل پيش ڪري ٿي. شرجيل ميمڻ موجب سپر مني ٽرڪ جديد انجنيئرنگ، ذهين ڊزائن ۽ ماحول سان مطابقت جو ميل آهي، جيڪا پاڪستان ۾ هلڪي ڪمرشل گاڏين جي وڌندڙ طلب پوري ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي. هن چيو ته سپر مني ٽرڪ جي اسمبلنگ لائن ڪراچي ۾ لڳائي ويندي. جيڪا مقامي پرزا سازي، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ نون روزگار جي موقعن سان گڏ ملڪ ۾ صنعتي ترقي کي تيز ڪندي. شرجيل ميمڻ هن منصوبي کي پاڪ –چين ٽيڪنيڪي سهڪار جو شاندار مثال قرار ڏيندي چيو ته اهو ٻنهي ملڪن جي ترقي ۽ خوشحالي جو ذريعو بڻجندو.

**بقايا 05 ***++*++**

چيني پرڏيهي وزارت ۽ اسحاق ڊار وچ ۾ ڳالهيون ٿينديون. افغانستان جو عبوري پرڏيهي وزيرامير خان متقي 20 مئي چين پهچندو. پاڪستان، چين ۽ افغانستان جا پرڏيهي وزير بيجنگ ۾ ملاقات ڪندا. ٽئي ملڪ گڏيل واپار کي هٿي ڏيڻ، سيڪيورٽي سهڪار ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪندا. ملاقات ۾ پاڪ – ڀارت ڇڪتاڻ ڪانپوءِ خطي جي صورتحال تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي.

**بقايا 06 ***++*++**

تي ڀارت کي 5 ارب روپين کان وڌيڪ نقصان ٿي چڪو آهي فضائي حدون بند هجڻ جي ڪري آمريڪ، يورپ ۽ ڪينيڊا سميت ٻين ملڪن ڏانهن ويندڙ لکين ڀارتي پيسنجر سخت پريشاني کي منهن ڏيئي رهيا آهن

**بقايا 07 ***++*++**

انڊينٽ باوجود رڳو 40 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو آهي جڏهن ته پنجاب جي رڳو ٻن غير قانوني فلڊ ڪئنالن جن ۾ چشما جهلم لنڪ فلڊ ڪئنال کي 17 هزار ڪيوسڪ ۽ تونسا پنجند فلڊ لنڪ ڪئنال کي 8404 ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ سان گڏ ڊيم ڀرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي، پنجاب سنڌو درياهه تان تل ڪئنال ۾ 7500 ڪيوسڪ، ڊيراغازي خان ۾ 5500 ڪيوسڪ، مظفر گڙهه ڪئنال ۾ 5500 ڪيوسڪ ۽ ڪچي ڪئنال ۾ 600 ڪيوسڪ سان گڏ سي آر بي سي جنهن ۾ پنجاب جا 1500 ڪيوسڪ آهن. ان ۾ 4000 هزار ڪيوسڪ ڪنيو آهي، چناب درياهه ۾ ايندڙ 28600 ڪيوسڪ سمورو پاڻي پنجاب هڙپ ڪري رهيو آهي، پنجند وٽ 10 هزار ڪيوسڪ هجڻ باوجود سنڌ لاءِ پنجند کي مڪمل بند ڪيو ويو آهي، ٻي طرف جهلم درياهه جي 38560 ڪيوسڪ مان 33 هزار ڪيوسڪ پنجاب ڪٽي ڪئنالن کي ڏنو آهي، پنجاب کي سئو سيڪڙو پاڻي ڪنڌي تي ملڻ باوجو ايندڙ ربيع جي فصل جي پوکائي لاءِ ڊيمن ۾ لاڳيتو پاڻي جمع ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري هن وقت سمورا ذخيرا 25.8 سيڪڙو ڀرجي ويا آهن ۽ 3 ڏهائي 456 ايم اي ايف پاڻي جمع ٿي ويو آهي، ان جي ابتڙ سنڌ جي ٽنهي بئراجن جي ڪئنالن کي فقط 40 هزار 400 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو ويو آهي، گڊو بئراج جي ڪئنالن کي 6500 جي جاءِ تي رڳو 2500 ڪيوسڪ پاڻي ملي سگهيو جنهن ڪري گڊو بئراج وٽ پاڻي ڪوٽ 62 سيڪڙو آهي، سکر بئراج جي ڪئنالن کي 39500 ڪيوسڪ جي جاءِ تي 32260 ڪيوسڪ پاڻي مليو جنهن ڪري سکر بئراج تي 18 سيڪڙو ڪوٽ ٿي وئي آهي، اهڙي طرح ڪوٽڙي بئراج جي ڪئنالن کي 15700 ڪيوسڪ جي جاءِ تي رڳو 5945 ڪيوسڪ پاڻي ملي سگهيو آهي، جنهن ڪري ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جي ڪوٽ 62 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، پنجاب، ارسا ۽ واپڊا جي هوڏ سبب سنڌ ۾ مجموعي پاڻي جي ڪوٽ 34 سيڪڙو آهي، جيڪا مئي مهيني جي ٻي ڏهاڪي ۾ انتهائي خطرناڪ آهي، چاڪاڻ ته سنڌ جي آڳاٽي خريف جي پوکائي نه ٿيڻ ڪانپوءِ وچولو خريف شديد متاثر ٿي رهيو آهي، هوڏانهن تونسا ڪان گڊو بئراج تائين تائين روزاني 26 کان 30 هزار ايڪڙ فوٽن جي پاڻي جي چوري جاري آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ ارسا سميت سنڌ ۽ پنجاب سرڪار خاموش آهن. ٻي طرف سنڌ ۾ پاڻي جي بدترين ڪوٽ باوجود سنڌ سرڪار خصوصي طور تي سنڌ جو آبپاشي وارو وزير، آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري ۽ سنڌ جو وڏو وزير خاموش تماشائي بڻيل آهن.

**بقايا 08 ***++*++**

اپريو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته آئي ٽي جي شعبي ۾ سرمايو لڳائڻ جي حوالي سان سٺيون خبرون موجود آهن ۽ ايندڙ چند سالن جي اندر پاڪستان ۾ 70 ڪروڙ ڊالر کان وڌيڪ سيڙپ ڪاري جو امڪان آهي هن چيو ته معيشت ۾ بهتري جي حوالي سان حڪومت جي ڪوشش جا سٺا نتيجا نڪري رهيا آهن ۽ قومي معيشت ترقي جي رستي تي هلي رهي آهي ناٽي روانگي ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي هن چيو ته پاليسي ريٽ ۽ مهانگائي جي شرح گهٽ ٿي آهي جيڪا معاشي ترقي کي ظاهر ڪري ٿي هن چيو ته پاڪ فوج بهادري سان ڀارت جي جارحيت جو جواب ڏنو آهي

**بقايا 09 ***++*++**

هڪ اهم بيان ۾ چيو آهي ته قوم عمران خان جي پويان بيٺل آهي ۽ سندس فوري آزادي وقت جي اهم ترين ضرورت آهي.هن چيو ته عمران خان تي داخل ڪيس ڪوڙا، بي بنياد ۽ سياسي انتقام جو نتيجو آهن. جيڪي فوري طور ختم ڪيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ ملڪ جي سڀ کان وڏي ۽ مقبول پارٽي آهي. جنهن سان لڳاتار زيادتيون ٿي رهيون آهن، پر ان جي باوجود ڪارڪن ۽ عوام اڄ به پنهنجي قائد عمران خان سان گڏ بيٺل آهن.منصور احمد شيخ، پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ وڌندڙ تڪرار بابت ڳالهائيندي چيو ته پوري قوم هڪ آواز ٿي دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي.هن پاڪ فوج جي تاريخي ڪاميابي تي فوجي جوانن ۽ قوم کي واڌايون پيش ڪريسان ٿوهن چيو ته مودي سرڪار جي دهشتگردي ۽ ڀارتي فوج جي بزدلي جو پاڪ فضائيه جي بهادر جوانن تاريخي جواب ڏنو. جيڪو هميشه لاءِ ياد رکيو ويندو هن زور ڀري چيو ته ڀارت پاڪستان جوازلي دشمن آهي، ۽ ان تي ڪڏهن به ڀروسو نٿو ڪري سگهجي اسان کي هڪ قوم ٿي هميشه لاءِ تيار رهڻ گهرجي.منصور احمد شيخ چيو ته عمران خان نه رڳو پاڪستان ۾ پوري دنيا ۾ هڪ عظيم ليڊر طور سڃاتو وڃي ٿو. ۽ ملڪ جي نمائندگي لاءِ هوئي موزون ترين شخصيت آهي قوم جو هڪڙوئي مطالبو آهي ته عمران خان کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي، چو ته هوئي قوم جي آخري اميد آهي.هن آخر ۾ چيو ته پي ٽي آءِ جا ڪارڪن، حامي ۽ عوام پرعزم آهن ۽ قائد جي آزادي تائين هر فورم تي آواز بلند ڪندا رهندا

**بقايا 10 ***++*++**

ڪيو ان موقعي تي نامياري دانشور جامي چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ 47ع کان وٺي سياسي بيچيني رهي آهي. ڌرتي کان اڳ ۾ سياسي جماعتن عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي ۽ احتجاج جو رستو اختيار ڪيو. ڀيرلوءِ ڌرتي جو اعلان وڪيلن ڪيو. پر سياسي جماعتون ڌرتي ۾ موجود هيون. هن چيو ته ڀيرلوءِ ڌرتي جي اها خصوصيت هئي ته عام عورتون به جتن جي صورت ۾ ڌرتي ۾ اچي رهيون هيون. هن چيو ته اها ڳالهه درست ناهي ته ڀيرلوءِ ڌرتي کان اڳ سنڌ ۾ سياسي مايوسي ۽ مانار هئي. پر هن ڌرتي دهشت ۽ خوف کي ضرور ٽوڙيو رياست جي پڪڙيل خوف کي سنڌ جي مزاحمت پاش پاش ڪري ڇڏيو هن ڌرتي آئيني فورمن کي به لغام وڌو آهي ته توهان سنڌ دشمن فيصلا ڪندا ته ان جا نتيجا خطرناڪ هوندا. ڀيرلوءِ ڌرتو نه پهريون ڌرتو هو ۽ نه ئي آخري هو. سنڌ ۾ پرامن عوامي مزاحمت جاري رهندي آهي. نامياري صحافي سهيل سانگي چيو ته ڀيرلوءِ ڌرتو پرامن هو ۽ عوام ڌرتي جي حفاظت ڪئي. سنڌ سدائين پرامن مزاحمت ڪئي. هر تحريڪ ۾ سنڌ جي سماج جو نئون طبقو سامهون آيو آهي. ڪينالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف تحريڪ ۾ وري اوچتو وڪيل برادري سامهون آئي. ايڊووڪيٽ امر حسيب پنهور چيو ته اسان وڪيل سنڌ جي عوام سان گڏ آهيون. اسان کي هاڻ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف فيصلاتي جدوجهد طرف وڃڻو پوندو. پورهيت مزاحمت تحريڪ جي صدر مسرور شاهه چيو ته ڀيرلوءِ ڌرتو ختم ٿيڻ شرط سوشل ميڊيا تي ڪيترائي بحث شروع ٿيا. پر هن تحريڪ ۾ ماڻهن کي اهو احساس ٿيو آهي ته اسان جي طاقت ۽ دشمن جي ڪمزوري ڪهڙي آهي. سنڌ جي عوام پرامن عوامي مزاحمت ڪري 12 ڏينهن روڊ تي ويهي پنهنجي طاقت جو اظهار ڪري دشمن جي ڪمزوري کي واضح ڪيو هن چيو ته وڪيلن جي بارز تي پيپلزپارٽي جي وڏي سيڙپڪاري ٿيل آهي. پر نوجوان وڪيلن پيپلزپارٽي جي ان سيڙپڪاري کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو هن چيو ته اها ڳالهه درست آهي ته سياسي جماعتون وقت تي فيصلو نه ڪري سگهيون ۽ وڪيل ڀيرلوءِ ڌرتي جو اعلان ڪري اڳتي آيا. اها ڪنهن کي خبر نه هئي ته هي ڌرتو سنڌ جو وڏو عوامي ڌرتو بڻجي ويندو. جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين ڊاڪٽر امير چانڊيو چيو ته هن تحريڪ ۾ مڊل ڪلاس طبقي جو اهم ڪردار نظر آيو هن تحريڪ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو اسان بنا ڪنهن نظرياتي فرق جي جاگيردارن ۽ وڏيرن ڪانسواءِ گڏجي جدوجهد ڪري ڪاميابي ماڻي سگهون ٿا. سنڌ مايوسي جي ڪن مان واپس نڪتي آهي. وومين ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي اڳواڻ عاليا بخشل چيو ته درياهه کي پنهنجا حق ڏيارڻ لاءِ مستقل بنيادن تي جدوجهد جاري رکڻي پوندي. جيستائين درياهه جي مڪمل بحالي نٿي ٿئي تيستائين چپ ناهي ڪري ويهڻو حرف جي اڳواڻ ڊاڪٽر شعبان سهتو چيو ته سنڌي سماج جو هر طبقو استحصال جو شڪار آهي. ان جي نتيجي ۾ سنڌ جي ماڻهن ۾ شدت سان ڪاوڙ ۽ بغاوت جنم وٺي چڪي آهي. هاڻ سنڌ جو عوام وڌيڪ ظلم ۽ بربريت برداشت نه ڪندو. پروگريسو اسٽوڊنٽس فيبريشن جي اڳواڻ آفتاب جتوئي چيو ته سنڌو درياهه جي تحفظ واري تحريڪ جو وڏو عوامي اظهار ڀيرلو ڌرتي ۾ نظر آيو. هن تحريڪ ۾ نوجوانن ۽ وڪيلن ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويهڪ ۾ سنڌياڻي تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ جي سرگرم ڪردار حورالنساءِ پليجو جي وڇوڙي تي اٿي بيهي هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي. حورالنساءِ پليجو کي لفظن جي پيتا پڻ پيش ڪئي وئي.

**بقايا 11 ***++*++**

مارجي ويو پوليس موجب ڪراچي جي علائقي قائدآباد ۾ پوليس مقابل ٿيو آهي جنهن ۾ پوليس هڪ ڌوهاري کي مارڻ جي دعوي ڪئي آهي جڏهن ته ان جو ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري شاهجان وٽان هٿيار ۽ موبائل فون هٿ آيو آهي ڌوهارين سهراب مان آئلائين ٽيڪسي بوڪ ڪرائي هئي جوابدارن قائدآباد ويجهو ڊرائيور کي هٿيار ڏيکاري ڪار مان لاهي ڇڏيو آنلائين ڊرائيور ويجهو ٿي پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس جوابدارن جي ڪڏ لڳي ته انهن اهلڪارن تي فائرنگ ڪري ڏني ميبنہ مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري موقعي تي مارجي جڏهن ته ٻيو زخمي حالت ۾ فرار ٿي ويو

**بقايا 12 ***++*++**

وڏي مقدار ۾ منشيات اسمگلنگ ڪري رهيو هو ته پوليس پاران بيهڻ جو اشارو ڪرڻ تي جوابدار پوليس تي فائرنگ ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ طرفو فائرنگ ڪان پوءِ منشيات فروش شير محمد شيرا ولد سليمان کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدار وٽان هڪ 9 ايم ايم پسٽل، ايمونيشن ۽ موبائل فون ۽ استعمال هيٺ ڪار هٿ ڪئي وئي جڏهن ته ڪار جي ڏگي مان لکين روپين جو ٻن مڻ کان وڌيڪ 98 ڪلوگرام اعلي قسم جو چرس هٿ ڪيو ويو گاڏي جو رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي پوليس جو چوڻ آهي ته زخمي جوابدار کي اسپتال پهچايو ويو آهي

**بقايا 13 ***++*++**

جي سرجاني سيڪٽر 4 ڊي علائقي ۾ پيش آيو حادثي ۾ زخمي ٿيل 12 سالن جي ڇوڪري علاج دوران فوت ٿي وئي، حادثي ۾ زخمي ٿيل ٻه ٻيا ماڻهو عباسي شهيد اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن.

**بقايا 14 ***++*++**

گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان آهي. ڪراچي ۾ ڏکڻ اولهه کان 10 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون هلي رهيون آهن. جنهن ۾ نمي جو تناسب 69 سيڪڙو آهي. گرمي ۾ واڌ سان گڏ ٿڌي مشروبات جي طلب ۾ به اضافو ٿيو آهي. جڏهن ته گرمي سان لاڳاپيل بيماريون به وڌيون آهن.

**بقايا 15 ***++*++**

ڪان 205 ڪلوميٽر گهرائي ۾ هو. زلزلي سبب ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جا اطلاع ناهن مليا.

**بقايا 16 ***++*++**

ٿيندين. افغانستان جو عبوري پرڏيهي وزيرامير خان متقي 20 مئي چين پهچندو. پاڪستان، چين ۽ افغانستان جا پرڏيهي وزير بيجنگ ۾ ملاقات ڪندا. ٽئي ملڪ گڏيل واپار کي هٿي ڏيڻ، سيڪيورٽي سهڪار ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪندا. ملاقات ۾ پاڪ – ڀارت ڇڪتاڻ ڪانپوءِ خطي جي صورتحال تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي.

**بقايا 17 ***++*++**

فلور تي جيولري جو اسٽور. جڏهن ته مٿين ماڙن ۾ ماڻهو رهندڙ هئا. ميڊيا رپورٽن موجب شارٽ سرڪٽ سبب باهه عمارت جي گرائونڊ فلور تي لڳي. جيڪا ڏسندي ئي ڏسندي سڄي عمارت ۾ پکڙجي وئي. باهه لڳڻ سبب 5 سالن کان گهٽ عمر جي 6 ٻارن سميت 17 ڄڻا فوت ٿي ويا. جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا.

**بقايا 18 ***++*++**

ايڊمرل نويد اشرف وزيراعظم جي آجيان ڪندو. آپريشن بنيان مرصوص دوران ڀارتي بحريا جي جارحاڻي عزمن کي ناڪام بڻائڻ تي وزيراعظم پاڪ بحريا کي خراج تحسين پيش ڪندو. وزيراعظم ان موقعي تي بحريا جي آفيسرن ۽ جوانن کي خطاب پڻ ڪندو. جڏهن ته هو گورنر ۽ وڏي وزير سان پڻ ملندو.

**بقايا 19 ***++*++**

۾ دهشتگردي جو اصل سرپرست آهي. پلي اهي خارجي هجن يا بلوچستان ۾ سرگرم دهشتگرد گروهه. هن چيو ته ڀارت حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙن بيانن جي پنيان لڪي رهيو آهي، پهلگام واقعي جي ڪجهه منٽن ڪانپوءِ ڀارتي ميڊيا پاڪستان تي الزام لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا، ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ٻن ڏينهن ڪانپوءِ پاڻ تسليم ڪيو ته جاچ اجا جاري آهي، جاچ ۽ شاهدن ڪان سواءِ الزام لڳائڻ ڪهڙي سمجهداري آهي؟ سندس موجب پاڪستان چيو ته جيڪڏهن ثبوت آهن ته اهي ڪنهن اڻ ڌرئي اداري حوالي ڪيو. اسان سهڪار لاءِ تيار آهيون پر ڀارت ان منطقي آڇ کي رد ڪري ڇڏيو. ڀارت هڪ طرفو قدم کڻندي اسان جي مسجدن تي ميزائل فائر ڪيا، ڀارت اسان جي ٻارن، عورتن ۽ بزرگن کي شهيد ڪيو. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪ فوج تي ملڪ جي خودمختياري ۽ سرحدن جي حفاظت جي مقدس ذميواري آهي، جيڪا اسان پوري ڪئي ۽ هر قيمت تي ڪندا رهنداسين، پاڪستان ڀارت کي ترت، سخت ۽ اثرائتو جواب ڏنو ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته دشمن اسان کي ڏيڄارڻ لاءِ حملا ڪيا پر ڀارت وساري وينو هو ته پاڪستاني قوم ۽ فوج نه ته ڪڏهن جهڪي آهي، نه ئي جهڪائي سگهجي ٿي. هن چيو ته 10 مئي جي صبح اسان جواب ڏنو اسان ذميواري ۽ احتياط سان رڳو انهن جي فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ڪنهن به شهري ملڪيت کي نقصان نه پهچايو اهو هڪ مناسب، منصفاڻو ۽ متوازن جواب هو پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته ڀارت جي بچاءَ واري وزارت جي ترجمان پاڻ اچي جنگبندي جي اپيل ڪئي، اسان امن ۽ استحڪام جا خواهشمند آهيون ته پوءِ اسان چيو ته چو نه؟ اسان پرتشدد نه پر سنجيده قوم آهيون، اسان جي پهرين ترجيح امن آهي ۽ آمريڪا جهڙيون وڏيون ۽ سمجهدار طاقتون چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿيون ته پاڪستاني قوم جو جذبو ڇا آهي.

**بقايا 20 ***++*++**

ٿيو ذريعن موجب بلاول ڀٽو زرداري تازي پاڪ – ڀارت ڇڪتاڻ کي ڏسندي وفد سان گڏ يورپ جو دورو ڪندو ۽ عالمي برادري جي ڀارتي جارحيت کان آگاهه ڪندو. بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ قائم ڪيل ڪميٽي ۾ خرم دستگير، حنا رباني کهر ۽ جليل عباسي جيلاني، شيري رحمان شامل آهن. وزيراعظم آفيس موجب، بلاول ڀٽو جي اڳوائي ۾ وفد لنڊن، واشنگٽن، پيرس ۽ برسلز جو سفر ڪندو وفد خطي ۾ ڀارت جي پروپيگنڊا ۽ علائقائي امن کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش کي بي نقاب ڪندو وفد خطي ۾ امن برقرار رکڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوشش کي اجاگر ڪندو.

**بقايا 21 ****

جنگ ۾ زخمي ٿيندڙ پاڪ فوج جي جوانن جي عيادت ڪئي. جتي هن ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته هن وقت آئون ايئر چيف ايئر پاڪستان جي نمائندن ۽ ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ سان گڏ سي ايم ايڇ جو دورو ڪيو آهي ۽ ايئرپورٽس جي ٿيندڙ زخمي سپاهين جي عيادت ڪئي آهي. اڄ هتي هڪ شئي ڏسڻ جي قابل آهي ته ايئرفورس جي جوان جنهن جون به سرجيريز ٿيون ان جي چهري تي نور ڏٺو. اسانکي اهڙين مائرن، ڀينرن ۽ فورسز جي ليڊرشپ جو جذبو ڏسي فخر محسوس ٿيو شهادت جو جذبو ڏسي خوشي ٿي هتي سي ايم ايڇ ۾ 5 زخمي جوان داخل هئا "معرڪا حق بنيان مرصوص" آپريشن جي تحت الحمد الله سپه سالار جنرل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ ڀارت جي جارحيت جو پنهنجي جذبي سان ڀرپور دفاع ڪيو. سنڌ جي گورنر چيو ته اسانجي جوانن ڏينهن جي روشني ۾ ڀارت جو گهمنڊ ٽوڙيو. فخر سان بلند ڪيو آهي انهن جي اسانکي ناز آهي _ جهڙي طرح اسان ۽ اسانجي سپه سالار ڀارت کي ڇماٽ وهائي ڪڍي آهي آئنده ڀارت اهڙي ڪڏهن به همت نه ڪندو. اسانجي فوجي جوانن کي اهو ڏک ناهي ته اهي زخمي آهن ڪين ڏک ان ڳالهه جو آهي ته اهي شهيد ڇو نه ٿيا. اسين ميجر، جنرلز، ليفٽيننٽ ۽ ڪرنلز ۽ سندن فيملي کي سلام پيش ڪيون ٿا جن پنهنجي گهروارن سان آخري ملاقات ڪري جنگ لاءِ وڃڻ جو جيو جاڪاڻ جو سندن ۾ شهادت جو جذبو هو.

**بقايا 22 ***++*++**

ڇڪتاڻ دوران ڀارتي سفارت ڪاري ناڪام ثابت ٿي آهي جڏهن ته پاڪستان جي پر امن ۽ فحال سفارتي حڪمت عملي عالمي سطح تي پزيرائي حاصل ڪئي بي بي سي مطابق مودي حڪومت جي ملٽي الائنس پاليسي بي اثر ٿي وئي آهي ۽ ڪنهن وڏي عالمي ملڪ ڀارت جي کلي حمايت ناهي ڪئي جڏهن ته چين ترڪي ايران سعودي عرب جهڙا اهم ملڪ پاڪستان سان گڏ نظر آيا چين پاڪستان جي خودمختاري جي مڪمل حمايت ڪئي ترڪي پاڪستان جي موقف کي عالمي سطح تي ساراهيو ايران ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي وزيرن هڪ وقت ۾ پاڪستان جو دوري ڪري واضع پيغام ڏنو ته پاڪستان کي ترجيح ڏني پئي وڃي آمريڪي ڪردار ڀارت کي وڌو ڌڪ رسايو واشنگٽن مان جاري ٿيل جنگ بندي جي اعلان ڪان ڀارت بي خبر رهيو ۽ آمريڪي صدر ٽرمپ پنهنجي بيان ۾ دهشتگردي جو ذڪر به نه ڪيو جيڪو مودي حڪومت جي بياني لاءِ هڪ سفارتي جهٽڪو هو رپورٽس ۾ چيو ويو ته عالمي ميڊيا ۾ پاڪستان جو بيانيو غالب رهيو ڀارتي ميڊيا ۽ حڪومت پاران پيش ڪيل دعوي جهڙوڪ سرجيڪل اسٽرائيڪ دنيا رد ڪري ڇڏي آهي ان جي ابتڙ پاڪستان شاهدين ۽ ثبوتن سان دنيا کي قائل ڪيو ۽ آمريڪا جي ٽياڪڙي کي به هاڪاري نموني قبول ڪيو دفاعي ماهرن مطابق ڀارت نه رڳو جنگي ميدان ۾ پر سفارتي محاذ تي به اڪيلو ٿيندو پيو وڃي عالمي برادري ڇڪتاڻ گهٽائڻ کي ترجيح ڏني ۽ ڀارت پاران اندروني معاملو چوڻ جي حڪمت عملي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو

**بقايا 23 ***++*++**

470 ارب رپيا ڊائريڪٽ ٽيڪس جي مد ۾ ڪيا ويندا فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي جي مد ۾ 11 سو 53 ارب رپيا ۽ سيلز ٽيڪس جو حدف 4943 ارب رپيا مقرر ڪيو ويو آهي ڪسٽمز ڊيوٽي جي مد ۾ 1 هزار 741 ارب رپيا پيٽروليم ليوي جو هدف 13 سو يارنهن ارب رپيا مقرر ڪيو ويو نان ٽيڪس آمدني 25 سو 84 ارب روپيا ، صوبه 12 سو 20 ارب جو سرپلس ڏيندا ايندڙ سال قرضن تي وياج ادا ڪرڻ لاءِ 8 هزار 685 ارب روپيا خرچ ڪيا ويندا ايندڙ مالي سال دوران دفا ع تي 2 هزار 414 ارب روپيا خرچ ڪيا ويندا جڏهن ته ترقياتي رٿائن تي وفاق 1065 ارب روپيا خرچ ڪندو ، واضع رهي ته ايندڙ مالي سال 6 هزار 588 ارب روپين جو قرض حاصل ڪرڻ جو ڪاتو لڳايو ويو آهي

**بقايا 24 ***++*++**

ڀارت ۽ اسرائيل سان گڏ بيٺا آهن. پنهنجي بيان ۾ خواجا آصف چيو ته اهو مان نه پيو چوان، اهو پراوين ساهني چئي رهيو آهي، جيڪو ڀارتي ميڊيا جو آواز آهي. سندس چوڻ هو ته سينيئر ڀارتي صحافي ۽ دفاعي تجزئي نگار چيو ته ڀارت خلاف آپريشن سندور تي سڄي دنيا ۾ رڳو اسرائيل ۽ افغانستان ڀارت جي حمايت ڪئي.

**بقايا 25 ***++*++**

جي ايم اوز وچ ۾ ڳالهيون ڪيون وينديون. خميس ڏينهن ڊي جي ايم اوز جي وچ ۾ ڳالهين ۾ جنگ بندي کي آچر تائين وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ 10 مئي تي جنگ بندي کان پوءِ ڊي جي ايم اوز وچ ۾ پهريون رابطو 12 مئي تي ٿيو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڊي جي ايم او ڳالهين جا ڪيترائي دور ٿي چڪا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڊائريڪٽر جنرل ملٽري آپريشنز اڄ جنگ بندي کان پوءِ جوٿين ڀيرو ڀارت وچ ۾ رابطو ڪندا. جنهن ۾ جنگ بندي ۾ واڌ جي معاملي تي غور ڪيو ويندو. ياد رکڻ گهرجي ته ڀارت 6 ۽ 7 مئي 2025 جي رات پاڪستان تي بزدلاڻو حملو ڪيو جنهن ۾ بيگناهه شهري نشانو بڻايا ويا. جواب ۾، پاڪستاني فوج 'آپريشن بنيان مارسس' ذريعي دشمن کي نشانو بڻايو ۽ دشمن جي جڳهن تي انتهائي درستگي سان جوابي حملا ڪيا.

**بقايا 26 ***++*++**

۾ اشارو ڏنو ويو آهي ته غزه تي تازين اسرائيلي حملن ۾ ٻن وڌيڪ صحافي پڻ شهيد ٿيا آهن. 7 آڪٽوبر 2023 کان وٺي غزه ۾ اسرائيلي جارحيت ۾ 230 کان وڌيڪ صحافي شهيد ٿي چڪا آهن.

**بقايا 27 ***++*++**

۽ 12 کان 14 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي، ڪراچي جي علائقي لياري، اولڊ سٽي ايريا، ڪياماڙي، ڪورنگي، اورنگي، لانڍي، سهراب گوٺ، سرجاني ٽائون، ملير ۾ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي، ان کانسواءِ نيو ڪراچي، نارٿ ڪراچي، گارڊن، لياقت آباد، قائد آباد، ايف بي ايريا، محمود آباد سميت مختلف علائقن ۾ بجلي جي اک ٻوٽ جاري آهي ۽ سخت گرمي سبب شهري سخت تڪليف ۾ آهن. ترجمان چيو ته لوڊشيڊنگ جي دورانيي جو دارومدار بجلي چوري ۽ نقصان جي شرح تي آهي، علائقائي فالٽز کي لوڊشيڊنگ سان پيٽ ڏيڻ درست ناهي

**بقايا 28 ***++*++**

جو مشن ان وقت ناڪام ٿي ويو، جڏهن لانچنگ جي ٽئين مرحلي ۾ ٽيڪنيڪي خرابي پيش آئي. اسرو جي سربراهه وي نارائڻ ٻڌايو ته ٽئين مرحلي دوران راڪيٽ جي موٽر ڪيس ۾ چيمبر پريشر گهٽ ٿي ويو، جنهن سبب مشن مڪمل نه ٿي سگهيو

**بقايا 29 ***++*++**

۾ دهشتگردي جو اصل سرپرست آهي. پلي اهي خارجي هجن يا بلوچستان ۾ سرگرم


دهشتگرد گروهه. هن چيو ته ڀارت حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙن بيانن جي پنيان لڪي رهيو آهي، پهلگام واقعي جي ڪجهه منٽن ڪانپوءِ ڀارتي ميڊيا پاڪستان تي الزام لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا، ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ٻن ڏينهن ڪانپوءِ پاڻ تسليم ڪيو ته جاچ اجا جاري آهي، جاچ ۽ شاهدن ڪان سواءِ الزام لڳائڻ ڪهڙي سمجهداري آهي؟ سندس موجب پاڪستان چيو ته جيڪڏهن ثبوت آهن ته اهي ڪنهن اڻ ڌرئي اداري حوالي ڪيو. اسان سهڪار لاءِ تيار آهيون پر ڀارت ان منطقي آڇ کي رد ڪري ڇڏيو. ڀارت هڪ طرفو قدم کڻندي اسان جي مسجدن تي ميزائل فائر ڪيا، ڀارت اسان جي ٻارن، عورتن ۽ بزرگن کي شهيد ڪيو. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪ فوج تي ملڪ جي خودمختياري ۽ سرحدن جي حفاظت جي مقدس ذميواري آهي، جيڪا اسان پوري ڪئي ۽ هر قيمت تي ڪندا رهنداسين، پاڪستان ڀارت کي ترت، سخت ۽ اثرائتو جواب ڏنو ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته دشمن اسان کي ڏيڄارڻ لاءِ حملا ڪيا پر ڀارت وساري وينو هو ته پاڪستاني قوم ۽ فوج نه ته ڪڏهن جهڪي آهي، نه ئي جهڪائي سگهجي ٿي. هن چيو ته 10 مئي جي صبح اسان جواب ڏنو اسان ذميواري ۽ احتياط سان رڳو انهن جي فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ڪنهن به شهري ملڪيت کي نقصان نه پهچايو اهو هڪ مناسب، منصفاڻو ۽ متوازن جواب هو پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته ڀارت جي بچاءَ واري وزارت جي ترجمان پاڻ اچي جنگبندي جي اپيل ڪئي، اسان امن ۽ استحڪام جا خواهشمند آهيون ته پوءِ اسان چيو ته چو نه؟ اسان پرتشدد نه پر سنجيده قوم آهيون، اسان جي پهرين ترجيح امن آهي ۽ آمريڪا جهڙيون وڏيون ۽ سمجهدار طاقتون چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿيون ته پاڪستاني قوم جو جذبو ڇا آهي.

**بقايا 30 ***++*++**

ڪيو ان موقعي تي نامياري دانشور جامي چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ 47ع کان وٺي سياسي بيچيني رهي آهي. ڌرتي کان اڳ ۾ سياسي جماعتن عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي ۽ احتجاج جو رستو اختيار ڪيو. ڀيرلوءِ ڌرتي جو اعلان وڪيلن ڪيو. پر سياسي جماعتون ڌرتي ۾ موجود هيون. هن چيو ته ڀيرلوءِ ڌرتي جي اها خصوصيت هئي ته عام عورتون به جتن جي صورت ۾ ڌرتي ۾ اچي رهيون هيون. هن چيو ته اها ڳالهه درست ناهي ته ڀيرلوءِ ڌرتي کان اڳ سنڌ ۾ سياسي مايوسي ۽ مانار هئي. پر هن ڌرتي دهشت ۽ خوف کي ضرور ٽوڙيو رياست جي پڪڙيل خوف کي سنڌ جي مزاحمت پاش پاش ڪري ڇڏيو هن ڌرتي آئيني فورمن کي به لغام وڌو آهي ته توهان سنڌ دشمن فيصلا ڪندا ته ان جا نتيجا خطرناڪ هوندا. ڀيرلوءِ ڌرتو نه پهريون ڌرتو هو ۽ نه ئي آخري هو. سنڌ ۾ پرامن عوامي مزاحمت جاري رهندي آهي. نامياري صحافي سهيل سانگي چيو ته ڀيرلوءِ ڌرتو پرامن هو ۽ عوام ڌرتي جي حفاظت ڪئي. سنڌ سدائين پرامن مزاحمت ڪئي. هر تحريڪ ۾ سنڌ جي سماج جو نئون طبقو سامهون آيو آهي. ڪينالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف تحريڪ ۾ وري اوچتو وڪيل برادري سامهون آئي. ايڊووڪيٽ امر حسيب پنهور چيو ته اسان وڪيل سنڌ جي عوام سان گڏ آهيون. اسان کي هاڻ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف فيصلاتي جدوجهد طرف وڃڻو پوندو. پورهيت مزاحمت تحريڪ جي صدر مسرور شاهه چيو ته ڀيرلوءِ ڌرتو ختم ٿيڻ شرط سوشل ميڊيا تي ڪيترائي بحث شروع ٿيا. پر هن تحريڪ ۾ ماڻهن کي اهو احساس ٿيو آهي ته اسان جي طاقت ۽ دشمن جي ڪمزوري ڪهڙي آهي. سنڌ جي عوام پرامن عوامي مزاحمت ڪري 12 ڏينهن روڊ تي ويهي پنهنجي طاقت جو اظهار ڪري دشمن جي ڪمزوري کي واضح ڪيو هن چيو ته وڪيلن جي بارز تي پيپلزپارٽي جي وڏي سيڙپڪاري ٿيل آهي. پر نوجوان وڪيلن پيپلزپارٽي جي ان سيڙپڪاري کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو هن چيو ته اها ڳالهه درست آهي ته سياسي جماعتون وقت تي فيصلو نه ڪري سگهيون ۽ وڪيل ڀيرلوءِ ڌرتي جو اعلان ڪري اڳتي آيا. اها ڪنهن کي خبر نه هئي ته هي ڌرتو سنڌ جو وڏو عوامي ڌرتو بڻجي ويندو. جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين ڊاڪٽر امير چانڊيو چيو ته هن تحريڪ ۾ مڊل ڪلاس طبقي جو اهم ڪردار نظر آيو هن تحريڪ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو اسان بنا ڪنهن نظرياتي فرق جي جاگيردارن ۽ وڏيرن ڪانسواءِ گڏجي جدوجهد ڪري ڪاميابي ماڻي سگهون ٿا. سنڌ مايوسي جي ڪن مان واپس نڪتي آهي. وومين ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي اڳواڻ عاليا بخشل چيو ته درياهه کي پنهنجا حق ڏيارڻ لاءِ مستقل بنيادن تي جدوجهد جاري رکڻي پوندي. جيستائين درياهه جي مڪمل بحالي نٿي ٿئي تيستائين چپ ناهي ڪري ويهڻو حرف جي اڳواڻ ڊاڪٽر شعبان سهتو چيو ته سنڌي سماج جو هر طبقو استحصال جو شڪار آهي. ان جي نتيجي ۾ سنڌ جي ماڻهن ۾ شدت سان ڪاوڙ ۽ بغاوت جنم وٺي چڪي آهي. هاڻ سنڌ جو عوام وڌيڪ ظلم ۽ بربريت برداشت نه ڪندو. پروگريسو اسٽوڊنٽس فيبريشن جي اڳواڻ آفتاب جتوئي چيو ته سنڌو درياهه جي تحفظ واري تحريڪ جو وڏو عوامي اظهار ڀيرلو ڌرتي ۾ نظر آيو. هن تحريڪ ۾ نوجوانن ۽ وڪيلن ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويهڪ ۾ سنڌياڻي تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ جي سرگرم ڪردار حورالنساءِ پليجو جي وڇوڙي تي اٿي بيهي هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي. حورالنساءِ پليجو کي لفظن جي پيتا پڻ پيش ڪئي وئي.

**بقايا 31 ***++*++**

جي ايم اوز وچ ۾ ڳالهيون ڪيون وينديون. خميس ڏينهن ڊي جي ايم اوز جي وچ ۾ ڳالهين ۾ جنگ بندي کي آچر تائين وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ 10 مئي تي جنگ بندي کان پوءِ ڊي جي ايم اوز وچ ۾ پهريون رابطو 12 مئي تي ٿيو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڊي جي ايم او ڳالهين جا ڪيترائي دور ٿي چڪا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڊائريڪٽر جنرل ملٽري آپريشنز اڄ جنگ بندي کان پوءِ جوٿين ڀيرو ڀارت وچ ۾ رابطو ڪندا. جنهن ۾ جنگ بندي ۾ واڌ جي معاملي تي غور ڪيو ويندو. ياد رکڻ گهرجي ته ڀارت 6 ۽ 7 مئي 2025 جي رات پاڪستان تي بزدلاڻو حملو ڪيو جنهن ۾ بيگناهه شهري نشانو بڻايا ويا. جواب ۾، پاڪستاني فوج 'آپريشن بنيان مارسس' ذريعي دشمن کي نشانو بڻايو ۽ دشمن جي جڳهن تي انتهائي درستگي سان جوابي حملا ڪيا.

**بقايا 32 ***++*++**

۾ دهشتگردي جو اصل سرپرست آهي. پلي اهي خارجي هجن يا بلوچستان ۾ سرگرم دهشتگرد گروهه. هن چيو ته ڀارت حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙن بيانن جي پنيان لڪي رهيو آهي، پهلگام واقعي جي ڪجهه منٽن ڪانپوءِ ڀارتي ميڊيا پاڪستان تي الزام لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا، ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ٻن ڏينهن ڪانپوءِ پاڻ تسليم ڪيو ته جاچ اجا جاري آهي، جاچ ۽ شاهدن ڪان سواءِ الزام لڳائڻ ڪهڙي سمجهداري آهي؟ سندس موجب پاڪستان چيو ته جيڪڏهن ثبوت آهن ته اهي ڪنهن اڻ ڌرئي اداري حوالي ڪيو. اسان سهڪار لاءِ تيار آهيون پر ڀارت ان منطقي آڇ کي رد ڪري ڇڏيو. ڀارت هڪ طرفو قدم کڻندي اسان جي مسجدن تي ميزائل فائر ڪيا، ڀارت اسان جي ٻارن، عورتن ۽ بزرگن کي شهيد ڪيو. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪ فوج تي ملڪ جي خودمختياري ۽ سرحدن جي حفاظت جي مقدس ذميواري آهي، جيڪا اسان پوري ڪئي ۽ هر قيمت تي ڪندا رهنداسين، پاڪستان ڀارت کي ترت، سخت ۽ اثرائتو جواب ڏنو ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته دشمن اسان کي ڏيڄارڻ لاءِ حملا ڪيا پر ڀارت وساري وينو هو ته پاڪستاني قوم ۽ فوج نه ته ڪڏهن جهڪي آهي، نه ئي جهڪائي سگهجي ٿي. هن چيو ته 10 مئي جي صبح اسان جواب ڏنو اسان ذميواري ۽ احتياط سان رڳو انهن جي فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ڪنهن به شهري ملڪيت کي نقصان نه پهچايو اهو هڪ مناسب، منصفاڻو ۽ متوازن جواب هو پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته ڀارت جي بچاءَ واري وزارت جي ترجمان پاڻ اچي جنگبندي جي اپيل ڪئي، اسان امن ۽ استحڪام جا خواهشمند آهيون ته پوءِ اسان چيو ته چو نه؟ اسان پرتشدد نه پر سنجيده قوم آهيون، اسان جي پهرين ترجيح امن آهي

بقايا 01

.جوڳي فلاحي تنظيم هميشه سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ پيش پيش رهي آهي ۽ هن مشڪل وقت ۾ به پنهنجي ذميواري بخوبي نڀائي رهي آهي. تنظيم جي چيئرمين صدر صاحب جو چوڻ هو ته "اسان جو مقصد آهي ته ڪو به غريب بکيو نه سمهي. اسين پنهنجي وس آهر هر مستحق تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيونوائيس چيئرمين الطاف محبوب وڌيڪ ٻڌايو ته "اسان کي عوام جو ڀرپور ساٿ ملي رهيو آهي، جنهن جي ڪري اسين وڌيڪ ماڻهن جي مدد ڪري سگهون ٿا. اسين سيني مخير حضرات کان اپيل ٿا ڪريون ته اهي هن نيڪ ڪم ۾ اسان سان تعاون ڪن.تنظيم جي رضاڪارن به هن ڪم ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ڏينهن رات محنت ڪري راشن ۽ ٻيو ضروري سامان مستحقن تائين پهچايو. جوڳي فلاحي تنظيم جي هن ڪوشش کي علائقي جي ماڻهن پاران تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي.

بقايا 02

ڻ ڪندرا موقعي تي ئي فوت ٿي ويئي جڏهن ته سندس مڙس غلام قادر جاگيراڻي ۽ 7 سالن جي نياڻي سهانا ڏي رمير راجا جاگيراڻي سخت زخمي ٿي پيا حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن غلام قادر پنهنجي زال ۽ ننڍڙي نياڻي سان گڏ موٽرسائيڪل تي سوار هو تيز رفتاري سان ايندڙ ڪوچ اچانڪ ٽڪر هنيو ۽ حادثي کان پوءِ ڪوچ جو ڊرائيور ڪوچ سميت فرار ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پٿڻي پوليس موقعي تي پهتي جتان لاش ۽ زخمين کي ترت طور تي تعلقه اسپتال روهڙي منتقل ڪيو ويو طبي عملي جي پهرين امداد ڪانپوءِ ٻنهي زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال سکر ريفر ڪيو ويو فوتي عورت جي لاش جڏهن آبائي ڳوٺ ڪندرا پهتي ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو سوڳوار منظر ڏسي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. وارثن سان گڏ پاڙيسرين جو به ميڙ تعزيت لاءِ پهچي ويو واقعي بابت اجا تائين ڪا به قانوني ڪارروائي يا ڪيس داخل نه ٿي سگهي آهي متاثر خاندان ۽ علائقي واسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فرار ٽيل ڪوچ ڊرائيور کي ترت گرفتار ڪري انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 03

ي ابڙو تنقيدي گڏجاڻيون ڪوٺائي ادب جي آبياري ڪري رهيو آهي ڪيس جس هجي: سيد اختيار شاه رپورٽ موجب سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي رتوديرو پنهنجي قيام کان وٺي پابندي سان اصلاحي تنقيدي ڪلاس هلائيندي پئي اچي ان سلسلي ۾ العباس ادبي منزل تي سٽي شاخ جي دستوري تنقيدي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي جنهن جي صدارت سنڌ جي ناليواري عوامي شاعر سيد اختيار شاه ڪئي گڏجاڻي ۾ سيد نعيم بخاري, ساقي ابڙو, شاهنواز شيدائي, رياض حسين راز, منصور نوناري, حسنين عباس ۽ ٻين پنهنجون نڪور تخليقون تنقيد لاءِ پيش ڪيون جن تي مختلف ساٿين پنهنجا اصلاحي تنقيدي رايا ڏنا ان موقعي تي صدارتي خطاب ڪندي ناليواري عوامي شاعر سيد اختيار شاه چيو ته ادبي دنيا ۾ تنقيد جو تمام گهڻو ڪارج آهي چو ته تنقيد سان ئي تخليق ۾ وڌيڪ خوبصورتي ايندي آهي هن چيو ته ساقي ابڙو صاحب اصلاحي تنقيدي گڏجاڻيون ڪوٺائي ادب جي آبياري ڪري رهيو آهي ان لاءِ ڪيس جس هجي رتيديري جي نون تخليقڪارن کي هنن تنقيدي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿي لاڀ حاصل ڪرڻ گهرجي گڏجاڻي ۾ معروف صوفي راڳي صدرالدين شاه راشدي ۽ ناليواري شاعر مشتاق بخاري جي سس جي لاڏاڻي تي سندن پونئرن سان تعزيت جو اظهار ڪندي دعاءِ مغرت گهري وئي

بقايا 04

تنيو جي شاندار خدمتن جو اعتراف ڪندي، ڪيس ظلم خلاف جرئتمندانه آواز بلند ڪرڻ ۽ انساني حقن جي عالمي مشن لاءِ وڙهڻ تي "اسٽار آف پاڪستان انٽرنيشنل هيومن رائٽس مومينٽ" ايوارڊ انٽرنيشنل اچيومنٽ ليڊرشپ ميڊل ۽ تحسين نامو حاصل ڪرڻ جي خوشي ۾ هڪ شاندار پروقار تقريب مڪلي جي سرڪٽ هائوس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ انٽرنيشنل هيومن رائٽس موومينٽ نئي جي چيئرمين ايڊووڪيٽ سيد اعجاز حسين شاه سنڌ حڪومت جي سيڪريٽري جاويد صبغت الله مهر, ايڊووڪيٽ شمس ميمڻ, ايڊووڪيٽ منظر امام ايڊووڪيٽ جهنزيب شوڪت زوار, عالم الدين رند يوٿ ايمبيسيڊر ظهير خٽڪ اسلم قريشي عبدالحميد چنا ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي الطاف حسين تنيو جي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪندي سندس پنهنجي مڪمل ساٿ ڏيڻ جو يقين ڏياريو ويو تقرب جي آخر ۾ ايڊووڪيٽ منظر امام ظهير خٽڪ حافظ فيض الرحمان علم الدين رند ۽ ٻين کي تنظيمي ڪارڊ ڏنا ويا

بقايا 05

ي سامان غير محفوظ آهي ڳوٺاڻو ذاتي انا جي ڪري تعليم تباه ڪرڻ چاهي ٿو اسڪول آپريٽر تفصيل موجب ڪنڊڻ برسان يوسي منوخان چانڊيو جي ڳوٺ نياز محمد لاشاري ۾ سيف جي تعاون سان هلندڙ نياز محمد ايليمينٽري اسڪول بهتر نموني سان هلڻ لڳو ٻهراڙي جو اسڪول هئڻ باوجود سوين ٻارن جي داخلا پئيڻ جي پاڻي واش رومن ۽ بهتر تعليم شاگردن کي ملڻ لڳي اتي جو مقامي ڳوٺاڻو تعليم دشمن هئڻ ڪري اسڪول مين دروازو ۽ ديواري مڪمل ن ٿي سگهيا اسڪول ۾ پيل قيمتي سامان اسڪول رڪارڊ ۽ ٻارن جي تعليم حوالي سان ريڙهه جي هڏي جي آر غير محفوظ ڪنهن ب وقت چوري ٿيڻ جو انديشو اسڪول جي مسئلن بابت اسڪول جي آپريٽر سيد عمران شاه عوامي پريس جي صحافين کي ٻڌايو اسڪول کي پلاٽ ڏيندڙ غفار لاشاري اسڪول کي ڏنل زمين جو ڏنل قسم نامي جو دستاويز نٿو ڏي جنهن ڪري اسڪول جي رجسٽريشن جو ڪاغذي ڪم رولڙي جو شڪار آهي جنهن ڪري ٻارڙن جو مستقبل داءَ جي لٽڪيل آهي هر ڏينهن تي مسئلا پيدا ڪري رهيو آهي مونکي دستاويز ڏي ت اسڪول جي چوديواري ۽ دروازو لڳرائي نئي سيشن ۾ سولر لڳرايان جئين منهنجي اسڪول ۾ پيلا سامان محفوظ هجي ۽ ٻارڙن جو مستقبل بچي سگهي هوڏانهن گهوني تي هلندڙ سيف جو اسڪول ڳوٺاڻن جو تعاون بهتر هئڻ ڪري اسڪول ۾ سيئي بنيادي سهولتون پوريون آهن ۽ شاگرد بهتر تعليم پرائي رهيا آهن

بقايا 06

انور ملڪ ۽ عمير ملڪ نالي قمار باز، جوارين کي جوا تي لڳل ڪيش موبائل فون سميت گرفتار ڪري جوا جي تحت ڪيس داخل ڪيو آهي پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 07

سومرو،غلام رسول سومرو، راجہ مٿلو نٿو ساري، طفل سومرو، علي اصغر ميمڻ ۽ ٻين چيو ته ڏوڪري ۾ سوئي گئس انتظاميا جي انتظاميا هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري رڌ پچاءُ وقت گئس بند ڪري رهيا آهن جنهن سبب اسان جا ننڍا معصوم ٻار بک تي اسڪول وڃن ٿا, جڏهن ته صارفين سوئي گئس جا ڳرا بل به وقت جي پابندي سان جمع ڪرائن ٿا, ان باوجود به رڌ پچاءُ وقت گئس جي هٿرادو لوڊشيڊنگ جو عمل جاري آهي, جنهن سبب گهريلو صارفين پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن.جڏهن ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان زمين اندر پوريل گئس پائيپ لائين کي به تبديل نه ٿو ڪيو وڃي جنهن سبب گئس پريشر به تمام گهٽو گهٽ ٿي ويو آهي, هنن مطالبو ڪيو ته بنا دير ڏوڪري جي مختلف محلن ۾ ڳري ويل گئس پائيپ لائين جو جائزو وٺي نئين سر سوئي گئس پائيپ لائين وڇائي وڃي, گيس جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ختم ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ وڌيڪ احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 08

يٽري گل سنوبر, جوائنٽ سيڪريٽري علي حيدر ساند, ڊپٽي جوائنٽ سيڪريٽري ارم رضا سومرو, فنانس سيڪريٽري نئڻ حسن وگهيو, ۽ انفارميشن سيڪريٽري طور شعيب حسين خشڪ کي مقرر ڪيو ويو آهي ينگ لائيرز فورم جي صدر ايڊوڪيٽ نويد علي سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نوجوان وڪيلن جي فلاح, قانوني تربيت, حقن جي تحفظ ۽ ادارتي مضبوطي لاءِ فورم اهم ڪردار ادا ڪندو. هن چيو ته سنڌن ٽيم هر فورم تي نوجوان وڪيلن جي آواز بڻبي. جنرل سيڪريٽري احمد علي الڪاٽي پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته فورم جي نئين قيادت جو مقصد دادو ضلعي اندر وڪيل برادري کي منظم ڪرڻ, تربيت جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ قانوني آگاهي وڌائڻ آهي. جڏهن ته گرلز ايڊوڪيٽ عهديدارن ايوڪيٽ گل سنوبر,ايڊوڪيٽ ارم رضا سومرو ۽ ايڊوڪيٽ نيد حسن وگهيو پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ينگ لائيرز فورم دادو جي ذريعي دادو ۾ علمي، قانوني ۽ پيشورانه صلاحيتن سميت نياڻين جي تعليم کي هٿي ڏيڻ لاءِ نون پروگرامن تي ڪم ڪيو ويندو ۽ نوجوان وڪيلن جي لاءِ نيون راهون کوليون وينديون. واضح رهي ته نگ لائيرز فورم دادو ضلعي اندر سرگرم، متحرڪ ۽ غير سياسي پليٽفارم طور سڃاتو وڃي ٿو. جيڪو قانون جي بالادستي، انساني حقن جي تحفظ ۽ عدالتي سسٽم جي بهتري لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندو رهي ٿو

بقايا 09

ن راشدي گڙدن جي بيماريءَ سان جهيڙيندي 3 ڏينهن اڳ زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو ۽ اڄ سندس ٽيجهي جون رسمون ادا ڪيون ويون. ٽيجهي جي موقعي تي صدرالدين راشدي جي وڏي پٽ معروف شاه راشديءَ کي والد جي پڳ ٻڌرائي وئي جنهن بعد روح کي ثواب پهچائڻ خاطر قرآن خواني ڪري دعا گهري خيرات جي ماني تقسيم ڪئي وئي. جڏهن ته ٽئين ڏينهن به صوفي راڳي سيد صدرالدين راشديءَ جي وارثن امام راشدي، فاروق راشدي، پٽ معروف راشدي، استاد منور فقير ۽ ٻين سان تعزيتن جو سلسلو جاري هو. درگاه فتح پور جي گادي نشين يونس شاه، درگاه مسڪين پور گمبٽ جي گادي نشين احمد شاه جيلاني، درگاه بيدل بيڪس روهڙي جي گادي نشين عبيدالله قريشي، درگاه صوفي وريل فقير جي گادي نشين امانت علي ابڙو، درگاه شاه آباد جي گادي نشين محمد مصطفيٰ راشدي، درگاه پير جو ڪوٽ وڳڻ جي گادي نشين اقبال احمد راشدي ۽ لاڙڪاڻي جي اڳوڻي ايم پي اي سردار معظم علي خان عباسي، ايم آر ڊي تحريڪ جي ڪنوينر ڪامريڊ حسين بخش ناريجو ايڊوڪيٽ بچل منگي ۽ ٻين تڏي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪري ڏک جو اظهار ڪيو ۽ صوفي راڳي صدرالدين راشدي جي مغفرت لاءِ دعا پڻ گهري. جڏهن ته ٽيجهي جي رسمن ۾ صوفي فنڪارن، سياسي، سماجي، علمي، ادبي، قومپرست تنظيمن جي اڳواڻن، شهرين، راشدي برادري جي ماڻهن ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 10

اهڻ ۾ قائم پوليس چوڪي جي ويجهو ملٽري پاڙي علي واهڻ مين روڊ تي رات تقريبا 1 وڳي 40 منٽن تي پيش آيو هٿياربند چور پپو مغل جي پلاٽ مان مينهون چوري ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ته علائقي واسين سڄاڳ ٿيڻ تي مزاحمت ڪئي چورن مزاحمت تي انڌا ڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن مان هڪ گولي پاڙيسري گهر جي دروازي کي چيريندي گهر اندر موجود شميم زال حبيب مغل جي ٽنگ ۾ لڳي جنهن سبب هوءَ سخت زخمي ٿي پئي زخمي عورت کي فوري اسپتال منتقل ڪيو ويو اهڙي صورتحال ۾ علي واهڻ جا چوڪيدار ۽ مقامي ماڻهن به جوابي فائرنگ ڪئي، جنهن سبب چور مينهون ڇڏي ڪچي جي علائقي ڏانهن فرار ٿي ويا چورن جي پنيان وڃڻ جي ڪوشش به ڪئي وئي، پراونده ۽ ڪليل علائقي سبب چور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا چورن جي فائرنگ سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو، ماڻهو گهرن ۾ محصور ٿي ويا بازارون بند ٿي ويون ۽ علي واهڻ جي اندروني روڊن تي ٽريفڪ جي اچ وڃ معطل ٿي وئي ڪيترن ئي منٽن تائين علائقو جنگي ميدان بڻيل رهيو عيني شاهدين موجب واقعي وقت علي واهڻ پوليس چوڪي مڪمل طور خالي هئي ۽ ڪو به پوليس اهلڪار موجود نه هو واقعي جي فوري اطلاع ڏني وئي ۽ چورن ۽ علائقي واسين جي وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري رهيو تنهن هوندي به پوليس دير سان پهتي ۽ چورن جي فرار ٿيڻ کان پوءِ پيرن جا نشان ڳولڻ ۾ مصروف رهي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن پوليس وقت تي موجود هجي ها ته چورن کي گرفتار ڪري سگهجي ها علي واهڻ جي رهواسين جو چوڻ آهي ته هتي اڳ به چورين ۽ ڦرجون وارداتون ٿي چڪيون آهن، جن ۾ فائرنگ جا واقعا به پيش آيا آهن پر پوليس ڪڏهن به مؤثر ڪارروائي نه ڪئي آهي هن واقعي کان پوءِ ماڻهن ۾ سخت ڪاوڙ آهي علي واهڻ جي رهواسين ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي علي واهڻ چوڪي جي غير حاضر اهلڪارن خلاف محڪم تحت ڪارروائي ڪئي وڃي ساڳئي وقت علائقي ۾ پوليس گشت کي يقيني بڻائي عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 11

د زير تعليم آهن جڏهن ته تعليم ڪاتي طرفان ڪو به فرنيچر ۽ بنيادي سهوليت مُيسر ٿيل نه آهي جڏهن ته گرلس پرائمري اسڪول جي عمارت به نه هجڻ سبب نياڻيون به ڇوڪرن سان گڏ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن پر سنڌ جو تعليم ڪاتو اگهو ننڊ ۾ سُتل آهي جنهن ڪري ڳوٺاڻي تعليم بنيادي سهوليتون ۽ عمارتون نه هجڻ ڪري سخت متاثر ٿي رهي آهي. ڳوٺاڻن وزير اعليٰ سنڌ، صوبائي وزير تعليم ۽ ٽر جي چونڊيل نمائندن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ سوڃا ويري جي زبون حال بڻيل پرائمري اسڪول جي فورن مرمت ڪرائي وڃي ۽ نياڻين جي اسڪول لاءِ الڳ عمارت ڏيئي بنيادي سهوليتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن معصوم شاگرد آساني سان تعليم پرائي سگهن.

بقايا 12

جهنڊا ۽ پاڪ فوج جي حق ۾ بينر کنيا هئا, جڏهن ته سندن زبانن تي "پاڪ فوج زنده آباد" جا اپ ڏاريندڙ نعرا هئا, جن سان سجو دادو شهر گونجي اُٿيو ريلي مڪ ڪچهري روڊ تان گذري, جنتي اڳواڻن اڪرم مهيسر, غلام مصطفي, وحيد ڪوسو, تنوير ابڙو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته الله پاڪ جا احسان آهن, پاڪ فوج بهادري سان ڀارت جو مقابلو ڪري ان کي شڪست ڏني آهي, اسان کي پنهنجي فوج جي جوانن تي فخر آهي, جن بهادري جو مظاهرو ڪندي دشمن کي بدترين شڪست ڏني. ريلي دوران ملڪ جي سالميت, پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارت خلاف نعرا هنيا ويا, جڏهن ته عوام جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هو.

بقايا 13

آهي، چوريون ڦريون روز جو معمول بڻجي ويون آهن، امن امان جي صورتحال بهتر نه هجڻ سبب شهرين ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي ان ڏس ۾ گذريل رات نامعلوم چور قاضي پاڙي جي رهواسي قاضي امجد علي عرف ٻيبن قاضي جي ماندي مان 15 هزارن جي لاڳت جو پيل سامان چوري ڪري ويا، جڏهن ته ساڳي ڏينهن پيپسي ڪولا ايجنسي جي مالڪ راشد قائمخاني کي هٿيار بندن يرغمال بڻائي ٽي لک روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن. هوڏانهن شيعا علماءِ ڪائونسل جي اڳواڻ قاضي زيب حسين جي گهر مان لکين روپين جي ماليت جو سون چوري ڪري ويا هئا. جڏهن ته رٽائرڊ پوليس اهلڪار ابرار ڪولاچي جي گهر مان نامعلوم چور هزارين روپين جو سامان چوري ڪري ويا. رٽائرڊ پوليس آفيسر قاضي حاڪم علي جوڻيجو جي گهر مان نامعلوم چور سونا زيور، پنج لک روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا. ڏوڪري شهر مان 15 کان وڌيڪ ٽيل ڏوهه واپس نه ٿيڻ ۽ شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر نه هجڻ سبب شهرين ۾ ڳڻتي جي لهر ڇائنجي وئي ان موقعي تي هتان جي سياسي سماجي، مذهبي ۽ واپارين قاضي زيب حسين، محمد بخش ميمڻ، راشد قائمخاني، قاضي امجد علي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته ڏوڪري پوليس ڏوهارين سان ٻٽ بڻيل آهي شهر ۾ ٽيل ڏوهه واپس ناهي ڪرائي رهي. هنن چيو ته ايس ايڇ او ڏوڪري ٿاڻي تي ويهڻ بدران پنهنجي خانگي گهر کي اوطاق بڻائي ٿاڻي جو ڪاروهنوار هلائي رهيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته بنا دير شهر مان ٽيل ڏوهه واپس ڪرائي ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪري شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي،

بقايا 14

س جي آفيسرن تي گلن جي ورڪا ڪئي وئي جڏهن ته شهرين پاران سنڌ رينجرس جي آفيسرن سان گڏجي خوشي جو اظهار ڪندي ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو ريلي صادق فقير چوڪ کان ڪشمير چوڪ تائين ڪڍي وئي، ريلي ۾ شهرين پاڪ فوج زنده باد، پاڪستان زنده باد جا زوردار نعرا هنيا، جڏهن ته ريلي ۾ ڊي ايڇ او ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي، سول سرجن مني ڊاڪٽر هريش ڪمار جڳاڻي، سبحان سميجو، شيام سندر، اسلم قائم خاني، ايس ڊي او حيسڪو مني سيد خالد شاه، ڪيلاش لوڊا، الله بخش لنڊ، غلام رسول راهمون ۽ ارجن سوٿهڙ سميت ٻين شهرين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 15

محمد حسين هديو، عامر هديو، حق نواز لاشاري ۽ عبدالڪريم ميراڻي جي سرپرستي ۾ ميرپور ساڪرو ۾ ٿي گڏريو. جنهن ۾ شفيع محمد ملاح، اشرف ملاح، حفيظ الله ملاح، ڪامريڊ گل حسن ملاح، هاشم ملاح، لڏو ولهاري، گلزار ملاح سميت ٻنهي ڌرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جتي ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي ڪين ڪير ڪنڌ ڪيو ويو، ان موقعي تي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو چيو ته اسان پرامن ماڻهون اهيون، اسان قبيلائي جهيڙا نٿا چاهيون، هن چيو ميرپور ساڪرو جي ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪافي وقت کان ٽيل جهيڙي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿيا هئا، جنهن بعد ٻنهي ڌرين ۾ ڪشيدگي حد کان وڌي ويئي هئي ۽ وڌيڪ نقصان جو امديشو هڳ، جنهن انديشي کي نظر ۾ رکي ٻنهي ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪيو ويو اهي، هن ملاح برادري سميت پوري سنڌ جي ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ اڪيلو ٻڌي قائم ڪري نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري پيار محبت سان رهي پنهنجي پياري ملڪ جي حفاظت ڪندڙ پاڪ فوج جو ساٿ ڏين، جيڪا ملڪ جي رات، ڏينهن حفاظت ڪري ملڪ ڏانهن ميري اک ڪنڌڙن کي سبق سيڪاري رهي اهي، ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو چيو ته اسان پنهنجي پاڪ فوج سان گڏ آهيون، جنهن دشمن ملڪ ڀارت جي جارحيت جو ڪيس اهڙو سبق سيڪاريو اهي، جو اهو سبق سندس ايندڙ نسلون به هميشه ياد رکنديون.

بقايا 16

ان منهنجي ڏير فراز پنهور ۽ ان جي سهري عبدالڪريم مونڪي لتيون ۽ سرون هٽي سخت زخمي ڪري ڇڏيو ته منهنجو ٻيو ڏير مظهر پنهور مونکي ڇڏائڻ لاءِ پهتو ته جوابدارن فراز پنهور ان مٿان به چرين سان حملو ڪري ڏنو جيڪو زخمي ٿي پيو آهي هن چيو ته منهنجو مڙس ڪراچي پڙيءَ تي مال ڪاهي ويو آهي اڪيلو ڏسي حملو ڪيو ويو آهي اسان ڳوٺ جي چنگي مڙس ادريس پنهنور کي ڪي بار بار چيو پر اسان جي هڪ به نه ٻڌي جيڪڏهن ڳوٺ جو چنگو مڙس اسان جي داهن ورنائي هان ته اڄ اهيو جهيڙو پيش نه اچي هان بعد ۾ جڏهن اسان ناروشاه ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائي پر ايس ايڇ او ناروشاه جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ بنگلي تي چانه پي واپس هليو ويو منهنجو ڏير ۽ ان جو سهرو بااثر آهن جن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي جاچ ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 17

ڏار وارداتون پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال نشان لڳائي ڇڏيا آهن پهري وارادت سيمينٽ فيڪٽري روڊ تي ٿي جتي ٻن اٽجاتل هٿيار بند ماڻهن سيمينٽ فيڪٽري جي رهواسي وقاص ولد نياز محمد دراني کان هٿيارن جي زور تي قيمتي موبائيل فون ۽ 4000 رپيا نقدي ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا ٻئي وارادات لالا گلي جي علائقي ۾ پيش آئي جتي اٽجاتل چور سلمان ولد گل بهار مهر جي گهر جي ٻاهران بيهاريل موٽرسائيڪل چوري ڪري ويا ٽئين واردات بيڙاج روڊ تي اولپر فيڪٽري جي ويجهو ٿي جتي ٽن موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن ابرار احمد ولد محمد احمد ڪورائي کي روڪي سندس موٽرسائيڪل قيمتي موبائيل فون ۽ نقدي ڦر ڪري فرار ٿي ويا ٽنهي وارداتن جي اطلاع روهڙي ٿاڻي تي ڏني وئي پر اجا تائين ڪنهن به واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي شهرين وڌندڙ ڏوهن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته روهڙي ۾ پوليس گشت ۾ واڌ ڪئي وڃي ۽ ڏوهارين خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهن کي تحفظ ملي سگهي.

بقايا 18

۽ هاٽوڪي وزيراعظم شهباز شريف ساحلي پٽي جا ست پيرا دورا ڪري هر پيري ڪيتراڻي اعلان ڪيا. جن ۾ مختلف ڳوٺن کي ماڊل وليج بڻائڻ، مري ويلن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ، ڳوٺن جي حالت بهتر بنائڻ سميت قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ ارلي وارننگ سسٽم لڳائڻ جا اعلان ڪيا پر انهن مان ڪنهن هڪ تي به عمل نه ٿي سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ ساحلي پٽي کي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته 1999 ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت هئي ۽ نواز شريف وزيراعظم هو هن وقت به انهن جي ئي حڪومت آهي. وزيراعظم نوازشريف گم ٿيل ۽ مري ويل جي وارثن کي هڪ لک روپيه معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر ان لاءِ به اسان کان اسٽامپ پيپر تي قسم نامو ورتو ويو ۽ صرف 30 هزار ڏنا ويا اهي به سيني متاثرن کي نه ملي سگهيا. انهن چيو ته اسان جي ڳوٺن ۾ 1999 واري طوفان کان پوءِ جر ڪارو ٿي ويو پيئڻ جو مٺو پاڻي توڙي ٻيون ضرورت واريون سهولتون سان کي ميسر نه آهن. انهن چيو ته حڪومت پنهنجن ڪيل اعلانن تي عمل ڪري ۽ اسان کي بنيادي انساني سهولتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن ۽ قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ اپاءَ وٺي آئنڊ لاءِ اهڙي سانحي کان اسان کي بچايو وڃي.

بقايا 19

تي شهر سميت مليرجي مڇي جي منڊي پڻ پڙي لڳائي ڪري ٿو هن چيو ته هو پهريان مڇي جي واپاري رفيق ساٿي سان گڏ مڇي جو ڪاروبار ڪندو هو پر هاڻي هن پنهنجو الڳ ڪاروبار شروع ڪيو آهي ته رفيق ساٿي مٿس ڏمرجي مختلف وقتن تي مٿس حملا ڪري ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏيندو رهي ٿو واپاري رشيد ملاح الزام هڻندي وڌيڪ چيو ته 2 راتيون اڳ رفيق ساٿي مٿس نئي شهر جي اسٽاپ تي حملو ڪري ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو ويو جنهن بعد اسان نئي ٿاڻي تي پهچي پوليس کي سڄي صورتحال کان آگاهه ڪيو پر پوليس سندن ڪا به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ڳ نه ئي جوابدار خلاف ڪيس ٿي داخل ڪري، واپاري رشيد ملاح چيو ته مڇي جو واپاري رفيق ساٿي نشي جي حالت ۾ فون ڪري اسانکي موتمار ڌمڪيون ڏيئي گندا لفظ ڳالهايا آهن، جنهن جي ڪال رڪارڊنگ پڻ اسان وٽ موجود آهي، پر پوليس اسان جو فرياد وٺڻ توڙي ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جنهن مان ڪين نقصان جو انديشو آهي، هن مطالبو ڪيو ته فورن ڪين تحفظ مهيا ڪري مٿن حملو ڪندڙ رفيق ساٿي خلاف ڪيس داخل ڪري ڪيس قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڪين وڌيڪ نقصان ۽ پريشاني کان بچايو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ سميت انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندس.

بقايا 20

ڊي وئي، جنهن ۾ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي پاڪ فوج سان ايڪتا ۽ تشڪر جو اظهار ڪرڻ لاءِ ريٽائرڊ آرمي تنظيم ايڪس سروس مين پاران اسلم ٿائون کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي شرڪاءَ سان خطاب ڪندي مقررين چيو ته اسان الله رب العزت جا شڪر گذار آهيون، جنهن اسان جي پاڪ فوج کي اهڙي جرئت ۽ بهادري عطا ڪئي، جو هنن اسان کان ڏهه ڀيرا وڏي فوجي ۽ عسڪري طاقت رکندڙ ڀارتي فوج کي اهڙي عبرتناڪ شڪست ڏني، جيڪا ڀارت هميشه ياد رکندو هي ڪاميابي الله پاڪ جي مدد، پاڪ فوج جي جرئت، سندن جذبه شهادت ۽ قوم جي اتحاد سان ممڪن ٿي. اڄ جي ڏينهن تي اسين اهو عهد ڪريون ٿا ته جڏهن به دشمن ملڪ اسانجي قوم کي للڪاريندو ته اسين متحد ٿي پاڪ فوج جي ڪلهو ڪلهي سان ملائي مضبوط ديوار بڻجي مقابلو ڪنداسين

بقايا 21

ائيندي چيو ته هو ٽنڊو محمد خان جي سنيا اسٽاپ وٽ زميندار هاشم داد خانزادي وٽ هارپو ڪندا آهن. گذريل سال جي ساريالو فصل ۾ هو20 ايڪڙ زمين تي هاري هئا، پر زميندار فصل وڪرو ڪرڻ بعد انهن کي نه صرف حساب ڪتاب نه ڏنو، پر سندن حصو به پاڻ سان وٺي ويو. جڏهن ورجان هن ناانصافي تي دانهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪيس ڌمڪيون ڏنيون ويون ۽ ڪا به واهر نه ملي.اسان جو وارث بڪ، بيوسي، ۽ بي انصافي سبب سخت مايوسي جي ور چڙهي ويو هو حوصلا وڃائي ويٺو ۽ نيٺ آپگهات جهڙو سخت قدم کنيو" مروها ڏک وچان دانهيندي چيو ته ورجان جا ٻار هاڻ بکون ڪاٽڻ تي مجبور بڻيل آهن. جڏهن ته زميندار اڃا تائين حساب ڏيڻ کان لنوائي رهيو آهي. هنن ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ ٻين وس وارن کان پرزور مطالبو ڪيو ته:ورجان جي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي، زميندار کان فصل جو صحيح حساب ورتو وڃي،ورجان جي ٻارن جي مالي مدد ۽ لاءِ مستقل سار سنڀال جو بندوبست ڪيو وڃي هنن چيو ته هي واقعي صرف هڪ فرد جي آپگهات نه آهي، پر هاري طبقي سان ٿيندڙ ناانصافين جو هڪ افسوسناڪ مثال آهي. هيءُ وقت آهي ته حڪمران ۽ معاشرو زرعي نظام ۾ پنهجي ذميوارين کي سمجهي ۽ انهن ماڻهن کي تحفظ ڏي، جيڪي پنهنجو پگهر هارپو ڪري قوم لاءِ اناج پيدا ڪن ٿا.

بقايا 22

رخاص پوليس اسٽ يشن ميرواهه گورچاڻي جو ڪانسٽيبل خان محمد جسڪاڻي، هڪ تمام شريف، ايماندار ۽ نيڪ شخصيت، ڊگهي بيماري ڪانپوءِ 50 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. هو ڪافي عرصي کان گردن جي بيماري ۾ مبتلا هو ڪالهه، هو ڪراچي جي هڪ نجي اسپتال ۾ علاج دوران خالق حقيقي سان وڃي مليو خان محمد جسڪاڻي جي وفات جي خبر ملندي ئي سڄو شهر سوڳ ۾ ٻڏي ويو خان محمد جسڪاڻي ڪافي عرصي کان پوليس اسٽيشن ميرواهه گورچاڻي ۾ ڪانسٽيبل جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون ايمانداري سان سرانجام ڏئي رهيو هو. ڪانسٽيبل خان محمد جسڪاڻي پنهنجي سٺي رويي ۽ خوش مزاجي جي ڪري پوليس ڪاتي ۾ هڪ منفرد ۽ نمايان مقام رکندڙ شخصيت هو مرحوم کي سندس اباڻي قبرستان ڳوٺ محمد جسڪاڻي ۾ سوين آلين اکين سان سپرد خاڪ ڪيو ويو

بقايا 23

ته آگرمحلي سميت نئي شهر ۾ ٿيندڙ وارداتن جو ايس ايس پي نٿو نوٽيس وٺي اسانجي مُوٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڏي. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو. هوڏانهن 2 ڏينهن اڳ آگرمحلي ويجهو قائم ڪرناٽي شادي هال جي ٻاهران بيٺل نئي ۾ هڪ ڏينهن ۾ 3 موٽر سائيڪلون چور چوري ڪري فرار ٿي ويا

بقايا 24

رپورٽ موجب احمدپور لڳ سنڌ جي اڳوٽي سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام مصطفي سهاڳ ڳوٺ جهان خان لغاري ۾ پهچي اڳوٽي ايس ڊي واپڊا ولي محمد لغاري جي وفات تي سندس پوئنرن بخت علي لغاري اڪرام لغاري سجاد لغاري سان تعزيت ڪئي ٻئي طرف صدرجي پٽيون جي سماجي اڳواڻ جميل احمد جوکيو امتياز جوکيو احسان جوکيو جن جي امڙ جي وفات تي سندن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو پڻ اظهار ڪيو ويو جنهن کان پوءِ بخاري هائوس تي پ پ تعلقي ڪنگري جي جنرل سيڪريٽري سيد روشن علي شاه بخاري پاران ڏنل چانه پارٽي ۾ پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي يونين ڪائونسل منگهنواري جو چيئرمين مير سجاد خان ٽالپر غلام حيدر قلپوٽو وسيم سهاڳ وحيد علي ميتلو ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا،

بقايا 25

انجو پيارو نبي ڪريم حضرت محمد مصطفا صلي الله عليه وآله وسلم صورت ۽ سيرت ۾ پنهنجومٽ پاڻ هو الله سائين پوري ڪائنات ۾ اهڙو نبي نه پيدا ڪيو ۽ نه ئي ڪو سندس ثاني آهي حضور اقدس صلي الله عليه وسلم جي ڪري ئي هيءَ دنيا بنائي وئي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم پوري ڪائنات لاءِ رحمت العالمين بڻجي آيا سندن حسب نسب به اعلا هو اسان کي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي نقش قدم جي پيروي ڪرڻ گهرجي اهوئي راه نجات جو رستو آهي اسرائيل جي فلسطينين مٿان روز روز جي بمباري مسلمانن جي عقيدي کي پختو ڪري ڇڏيو آهي اسان اسرائيل جي ان ڪذي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا اسين سڀ مسلمان فلسطينين سان گڏ آهيون ۽ ڀارت جيڪا پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪئي اها به مذمت جوڳي آهي اسين مسلمان پاڪ فوج جي جوابي ۽ بهتر قدم ڪڻ ۽ پاڪستان جي مخالف ڀارت ملڪ تي جوابي ڪاروائي ڪرڻ تي ڪين سلام پيش ڪريون ٿا پاڪستان جو ٻچو ٻچو ۽ پاڪ فوج پنهنجي ملڪ پاڪستان جي دفاع ڪرڻ ۾ هر وقت گڏ آهي ۽ اسين عالم به مولانا فضل الرحمان جي قيادت ۾ جميعت علماءِ اسلام جي جهنڊي هيٺيان متحد ٿي گڏ بيٺل آهيون آخر ۾ امت مسلم جي لاءِ دعائي خير گهري وئي

بقايا 26

وءِ ۽ سمنڊ ته خاموش ٿي ويو پر طوفان متاثرن و ٽجارن جي زندگين ۾ اڃان تائين مانار نه اچي سگهي.!! گهاتوئن جي گهر موٽي نه اچڻ ڪري 26 سال پراڻا زخم اڃان تائين تازا، ڪيترن ئي وٽجارن جا لاش نه ملڻ ڪري سندن مائرون ۽ ونيون هنجون هاري هاري اکين جو نور وڃائي سندن اوسيئڙي ۾ مالڪ حقيقي سان وڃي مليون آهن. حڪومتي سطح تي ٿيل سمورا سڪتا اعلان ۽ اڏورا ئي رهجي ويا، سامونڊي پٽي جا رهواسي هن وقت به قدرتي آفتن سبب غير محفوظ بڻيل. رپورٽ مطابق 19 مئي 1999 ع ۾ سنڌ جي سامونڊي پٽي ۾ ڪاريءَ رات جو آيل خطرناڪ ۽ موتمار سامونڊي طوفان ٽو اي ڪي اڄ 26 سال مڪمل ٿي ويا آهن. انتهائي تيز ترين 170 ميل في ڪلاڪ جي رفتار ۽ تيز هوائن سان ان جو وڏو اثر سنڌ صوبي جي ساحلي پٽي وارن ضلعن بدين، ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي سامونڊي ڪناري وارن شهرن ۽ ڳوٺن تي هو طوفان هتي جي ڳهرن، انفراسٽرڪچر، زراعت ۽ فشريز جي صنعت کي وڏي پيماني تي تباهه ڪيو. لاڳاپيل ادارن جي رپورٽن مطابق جاڻايل طوفان ۾ 5,200 ڳوٺن ۾ ڳهٽ ۾ گهٽ 600,000 ماڻهو متاثر ٿيا. 82,181 گهر مڪمل تباهه ۽ 67,285 گهرن کي نقصان پهتو 400,000 ايڪڙ زرعي زمين سمنڊ جي کاري پاڻي سان ٻڏي بنجر بڻجي وئي، ۽ 28,000 جانور پڻ متاثر ٿيا. 675 مڇي مارڻ واريون ٻيڙيون تباهه ٿي ويون ۽ سرڪاري انگ اکرن مطابق 191 ماڻهو جن ۾ اڪثر مڇي ماريندڙ هئا سي مارجي ويا هئا. جڏهن ته مقامي طور انگ اکر گڏ ڪندڙ تنظيمن مطابق 450 جي لڳ ڀڳ ماڻهو مئا هئا. ان وقت جاتي تعلقي جي سامونڊي پٽيءَ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ وٽن تي رڳو لاش ئي لاش لٽڪيل نظر آيا، سمنڊ اندر ويل ماهيگير واپس نه موٽيا، سندن هوڙا ۽ لانچون ٽٽي پرزا پرزا ٿي تباهه ٿي ويون ۽ گهاتوئن جا لاش تمر جي ٻيلن ۾ پيل ۽ وٽن ۾ ٽنگيل نظر آيا. هر پاسي پاڻي ئي پاڻي هجڻ ڪري ٻڇي ويل رهواسين کي سندن پيارن جا لاش دفنائڻ لاءِ زمين به نه ٿي ملي. 1999 ع جي سامونڊي طوفان ۾ رڳو سجاول ضلعي جي سامونڊي ڪناري وارن ڳوٺن ۾ رهندڙ ۽ سمنڊ ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪندڙ 448 انسان حياتيون وڃائي ويٺا ۽ ڪيترن ئي ڏينهن ۽ مهينن تائين ڳوٺن ۽ سامونڊي ٻيٽن مان لاش ۽ هڏاوان پڃرا هٿ ايندا رهيا. سامونڊي طوفان جتي انيڪ نقصان ڏنا، اتي وڇوڙي جون درد ڪهاڻيون پڻ جاتيءَ جي ماڻهن جي حصي ۾ آيون. طوفان ۾ عارو ملاح جا چار پٽ مري ويا هئا، جن جي جدائيءَ ۾ هو روئي روئي سندس اکين جو نور وڃائجي ويو. مائي سومريءَ نالي هڪ عورت جا ٽي نائي، هڪ ڏير ۽ هڪ ڳيرو پٽ مري ويو هو، جنهن پنهنجن پيارن جي موت تي "اعلانيل معاوضي" جي حلفيه فارم ڀرڻ کان انڪار ڪندي چيو هو ته. "دل نٿي مڃي ته هو مري ويا آهن ۽ سرڪار تي به ڀروسو ناهي ته اها واقعي مدد ڪندي." ڳوٺ ڇڇر ڏانڊل جي مائي ليلان سڄي ڪٽنب جي 18 ڀاتين جن ۾ شامل نوجوان ننهن، ٻارڙن ۽ ڏيٽرن کي علائقي مان روز خيرات وٺي پالڻ کان وڌيڪ پنهنجي فوت ٿيل ٻن پٽن، ٽن نائين ۽ مڙس جي وڇوڙي جو درد پاليندي هئي. سنڌس پراڻي ۽ ڇتين لڳل چولي جي ڦاٽل ڪيسي ۾ سندس وڇڙي ويل پيارن جون تصويرون موجود هونديون هيون. تصويرن کي هو چمندي نيٺ پاڻ به فوت ٿي وئي. سنڌ جي وسيلن سان مالامال ساحلي پٽي ۾ اڄ به بک ، بدحالي، غربت ۽ افلاس جو راڪاس نظر اچي ٿو ان وقت جي وزيراعظم ميان نواز شريف ۽ سنڌ حڪومت جي ڪيل ڪنهن اعلان تي اڄ ڏينهن تائين عمل نه ٿي سگهيو،ساحلي پٽيءَ جي ڳوٺن کي ماڊل وليج بنائڻ ۽ مستقبل ۾ طوفان کان بچاءَ لاءِ اپاءَ وٺڻ وارا اعلان ب اعلان ئي رهجي ويا. سامونڊي طوفان جي زخمن ۽ چوٽ چڙهي ويل مهانگائي به ويچارن وٽجارن ۽ مسڪين ماڻهن جي چيلهه ڇڀي ڪري ۽ جهڪا جهڻ ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 27

پنهنجون نيون ڪهاڻيون پيش ڪيون، جيڪي شرڪت ڪندڙن کان ڀرپور داد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويون. جڏهن ته سنڌي ادبي سنگت جي ڪائونسلر رجب آزاد سولنگي، سنڌ جي مشهور اديب ۽ آرڪيالاجسٽ سيد حاڪم علي شاهه بخاري جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي مقالو پڙهيو مشاعري واري حصي ۾ تابش بخاري، آسي بدر چنه، عابد سولنگي، گل حسيني ابڙو، راهب جمالي، امجد قمبراڻي، غلام شبير گوپانگ، ظفر شينو، فقير محمد، پڳت ڪبير ۽ ڄامشورو کان آيل احمد خان لاشاري پنهنجي نڪور شاعري پيش ڪئي، جيڪا شرڪت ڪندڙن کي موهي وڌو ان موقعي تي سنڌ جي ناليواري راڳي خان حيدري، آسي بدر جو گيت ترنم سان ڳائي، گڏجاڻيءَ کي وڌيڪ رنگين بڻايو. گڏجاڻيءَ ۾ سينيئر صحافي علي گوهر سومرو، اڪبر ستابو، دين محمد پنهور، نثار سومرو سميت ڪيترن ئي اديبن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 28

وم بخاري، ذوالفقار گاڏهي، مارو جمالي، تابش بخاري ۽ ٻين ڪين پيٽا ڏيندي چيو ته جاني ملاح ۽ عثمان فقير ڪوسو شاعري جي دنيا جا سگهارا نالا آهن جن پنهنجي شاعري ذريعي سچائي ،شعور ۽ بيداري پيدا ڪري اونده ڪان روشني ڏانهن سفر جاري رکيو، هنن چيو ته سندن شاعري ادب جي آسمان تي چمڪندڙ ستارن وانگيان آهي، سندن قلمي پورهيو سارا جوڳو آهي جيڪو سدا ياد رکيو ويندو, ان موقعي تي آس ٻبر، لياقت علي لياقت، گهايل لغاري، نورالدين ساگر، نقاد ٿهيم، مرتضي جمالي،ممتاز مصطفي دوست، اداس لنڊ، آسي بدر چنه، رشيد چانڊيو، منشا ڪوريجو، ممتاز سڪندر لاڪير، گل حُسيني،نور محمد سومرو شاعري پڙهي داد حاصل ڪيو.

بقايا 29

مايتي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار طور منظم ڪئي وئي. ريلي ۾ سوين شهرين، سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن پاڪ فوج جي حق ۾ "پاڪ فوج زنده باد"، "وطن جا محافظ، سلامت رهو" سميت حب الوطني نعرا هنيا. ريلي دوران پاڪ فوج جي جوانن کي لنگين، اجرڪن، گلن جا هار پيش ڪري سندن خدمت، قربانين ۽ بهادري تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو اڳواڻن چيو ته پاڪ فوج ملڪ جي حفاظت ۽ امن جي علامت آهي، ۽ قوم هميشه پنهنجن سپاهين جي ساٿ ۾ بيٺل آهي. ريلي شهر جي مختلف رستن تان گذري مرڪزي هنڌ تي ختم ٿي، جتي ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

بقايا 30

486 جا ٻار اسڪول جي بلڊنگ نه هيڻ ڪري نتهڻ اس ۽ قهر جهڙي گرمي ۾ تنبو ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لڳا، ان موقعي تي ڳوٺاڻن ۽ استادن جو چوڻ هو ته اسان جي ڳوٺ جي اسڪول کي بلڊنگ جي سخت ضروت آهي گرمي پڌ به وڌيڪ رهي ٿو ٻارن کي والدين تعليم لاءِ موڪلن ٿا ليڪن شامياني ۾ سخت گرمي ۽ فرنيچر جي کوٽ سبب ڪيترائي ٻارن جا والدين ٻارن کي تعليم پرائڻ کان پوئتي هٽڻ لڳا والدين موجب ٻارن کي تعليم پرائڻ لاءِ موڪليون ٿا ان کان علاوا ٻارن جي ويهڻ لاءِ فرنيچر جي پڻ وڏي کوٽ آهي جنهن جي ڪري ٻار پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن وڌندڙ گرمي جي ڪري ٻار پڻ پريشان آهن جنهن لاءِ نه بجلي جو ڪو بندوبست آهي ۽ نه ئي سولر سسٽم جو ڪو خاص بندوبست آهي0ان موقعي تي ڳوٺاڻن چيو ته ڪافي دفعا انتظاميا کي اسڪول جي مرمت لاءِ لکت ۾ پڻ درخواستون ڏنيون آهن پر ان جو اڃا تايين ڪوبه حل نه نڪري سگهيو آهي هنن وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاه وزير تعليم سيد سردار شاه ايم اين اي متياري مخدوم جميل الزمان ۽ ايم پي اي متياري مخدوم فخرالزمان کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته اسڪول محمد صالح ڊومڪي جي بلڊنگ جلد کان جلد تعمير ڪرايي وڃي ان سان گڏ اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ کي پورو ڪري اسڪول ۾ سولر سسٽم لڳرايو وڃي ته جيئن مستقبل جا معمار ٻارڙا سٺي نموني تعليم حاصل ڪري سگهن

بقايا 31

وليج ۾ پلاٽ ڏيڻ جي واعدي تي انهن کان 58 لک رپيا ورتا هئا، پر نه پلاٽ ڏنو ويو ۽ نه ئي رقم واپس ڪئي وئي. شهبروز، انشا، صداقت ڪوکر، توفيق ۽ مظفر ڪوکر سميت ٻين متاثرن ٻڌايو ته پلاٽ خريدڻ لاءِ انهن پنهنجون گڏيل پونجيون خرچ ڪيون، پر انهن سان وڏو دوکو ٿيو ڪوکر برادري جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته پيپلز پارٽي جي اڳواڻ محبوب عباسي، رزاق سيال جي ضمانت تي رقم واپس ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي هئي، پر هاڻي هو به پنهنجو واعدو وساري ويٺا آهن. مظاهرين جو چوڻ آهي ته رقم جي واپسي لاءِ ڪيترائي ڀيرا رابطو ڪيو ويو، پر هر ڀيري ٽال مٽول کان ڪم ورتو ويو.مظاهرين پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ايسٽ کان مطالبو ڪيو آهي ته استاد رزاق سيال خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ هڙپ ڪيل رقم واپس ڪرائي وڃي. احتجاج دوران مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا، جن تي پنهنجن مطالبن جي حق ۾ نعرا لکيل هئا. متاثرن جو چوڻ آهي ته انصاف جي فراهمي تائين احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا 32

خل ٿي ويا هئا، اڄ به مهاڻا انهن کي ياد روئي پوندا آهن، حڪومت پنهنجن واعدن کي اَيتري وڏي عرصي ۾ به پورو نه ڪري سگهي آهي، تباهي ڪانپوءِ حڪومت پاران سڀ کان زياده متاثر ٿيندڙ جاتي جي هڪ ڳوٺ عبدالرحمن دهاندل کي ماڊل وليج بنائڻ ۽ فوت ٿي ويل ماهيگيرن جي وارثن کي هڪ هڪ لک روپيا ڏيڻ جا اعلان صرف اعلان ئي رهجي ويا، حڪومت پاران وعدو وفا نه ٿيڻ ڪري ساحلي پٽي جا ماڻهو اڃا بنيادي سهولتن کان محروم آهن، هن مشڪل دور ۾ اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ خاندان جي راشن جو خرچ ڪيترو ٿئي ٿو پوءِ جتي 450 ماڻهن جي موت سان ٿيندڙ هزارين خاندانن جي تباهي جو ازالو به حڪومت نه ڪري سگهي ته ان حڪومت تي سواءِ افسوس جي ٻيو ڪجھ به نٿو ڪري سگهجي.

بقايا 33

نصافين خلاف سانگهڙ ضلعي جي آبادگارن جو اڳوڻي ايم پي اي ۽ پير صاحب پاڳاري جي خليفي وريام فقير ورياماڻي ۽ آبادگار تنظيم اڳواڻ رئيس مراد علي خان نظاماڻي جي اڳواڻي ۾ اعلا سطعي ڪٽ ٿيو آهي جهن مطالبن جي مڃتا تائين جامع تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ضلعي جا سمورا خارجي توڙي اندراجي مڪ رستا بند ڪري مسلسل ڌرڻا هڻڻ تي اتفاق ٿيو آهي جهن لا آبپاشي ڪاتي کي هڪ ڏيهن جي مهلت ڏني وئي ۽ سياڻ تائين گهرجائو پاڻي جو ڇوڙ نه ٿيڻ جي صورت ۾ ڪال ڏني ويندي احتجاجي ڪٽ بعد پريس ڪانفرنس ڪرڻ دوران . آبادگار اڳواڻن اڳوڻي ايم پي خليفا وريام فقير ورياماڻي رئيس مراد علي خان نظاماڻي چوڌري خادم حسين جٽ فقير علي احمد منگريو چوڌري شفيق آرائين فقير عبدلستار منگريو چوڌري افضال جٽ فقير علي حسن ورياماڻي ۽ ٻين اڳواڻن هنگامي پريس ڪانفرنس ڪرڻ دوران احتجاج ڪندي چيو آهي ته هڪ اڳ ئي شاخن ۾ پاڻي ناهي، مٿان اولڊ جمڙائو تي هزارين ايڪڙ فصل آباد ٿيل آهي، هن وقت فصل کي پاڻي جي تمام گهڻي گهرج آهي، اولڊ جمڙائو ڪينال بند ڪري لاٽننگ جي ڪم جي بهاني پاڻي بند ڪرڻ جو رٿيو ويو آهي ,جيڪڏهن شاخ بند ڪئي وئي ته هزارين ايڪڙن تي بيٺل زرعي فصل مڪمل تباه ٿي ويندا، هنن چيو ته في الحال شاخ جي لاٽننگ جو ڪم ملتوي ڪري فصلن کي پاڻي مهيا ڪيو وڃي، هنن چيوته اسان جا فصل اڳ ئي سڪي رهيا آهن وري پاڻي بند ٿيو ته ويتر فصل تباه ٿي ويندا، ايترو فصلن ۾ برداشت ناهي، آبپاشي ڪاتي جا عملدار پاڻي بند ڪندا ته اسان جا ڪاهيل فصل ڪمند ، ڪيلو ،ووڻ، جوئر ،ٻاجهري سُڪي راس ٿي ويندو، آبادگارن وڌيڪ چيو ته آبپاشي ڪاتي جي چيف انجنئير ڊاريڪٽر نارا ڪينال مولوي اشفاق ميمڻ آبادگارن سان ويساه گهاتي ڪري رهيو آهي، ننڍن آبادگارن جو معاشي قتل ڪري رهيو آهي، آبادگارن وزير اعلي سنڌ، آبپاشي ڪاتي جي صوبائي وزير جام خان شورو، اعلا احڪامن ,چونڊيل نمائندن ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مختلف واهن تي ريپرينگ جو بهانو ڪري شروع ڪيل شاخن جو ڪم ملتوي ڪري فصلن کي پاڻي مهيا ڪيو وڃي ۽ بعد ۾ جنوري 2026 جي بندي دوران لاٽننگ جو ڪم ڪيو وڃي جيئن آبادگار پنهنجو فصل تيار ڪري بچائي سگهن.

بقايا 34

داخل ڪرڻ دوائن جي کوٽ، ڊاڪٽرن جي غير حاضري ۽ ايم ايس جي مبينا ڪرپشن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج دوران اڳواڻن ايم ايس ڊاڪٽر مبين راجپوت کي عهدي تان هٽائڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته اسپتال ۾ مريضن کي مدي خارج دوائون ڏنيون پيون وڃن. جڏهن ته غريب مريضن لاءِ ضروري دوائون موجود نه آهن احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ايم ايس کي فوري طور تي هٽائي اسپتال ۾ دوائن جي فراهمي ۽ ڊاڪٽرن جي موجودگي يقيني نه بڻائي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 35

محمد حسين هديو، عامر هديو، حق نواز لاشاري ۽ عبدالڪريم ميراڻي جي سرپرستي ۾ ميرپور ساڪرو ۾ ٿي گڏريو. جنهن ۾ شفيع محمد ملاح، اشرف ملاح، حفيظ الله ملاح، ڪامريڊ گل حسن ملاح، هاشم ملاح، لڏو ولهاري، گلزار ملاح سميت ٻنهي ڌرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جتي ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي ڪين ڪير ڪنڌ ڪيو ويو، ان موقعي تي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو چيو ته اسان پرامن ماڻهون اهيون، اسان قبيلائي جهيڙا نٿا چاهيون، هن چيو ميرپور ساڪرو جي ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪافي وقت کان ٽيل جهيڙي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿيا هئا، جنهن بعد ٻنهي ڌرين ۾ ڪشيدگي حد کان وڌي ويئي هئي ۽ وڌيڪ نقصان جو امديشو هڳ، جنهن انديشي کي نظر ۾ رکي ٻنهي ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪيو ويو اهي، هن ملاح برادري سميت پوري سنڌ جي ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ اڪيلو ٻڌي قائم ڪري نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري پيار محبت سان رهي پنهنجي پياري ملڪ جي حفاظت ڪندڙ پاڪ فوج جو ساٿ ڏين، جيڪا ملڪ جي رات، ڏينهن حفاظت ڪري ملڪ ڏانهن ميري اک ڪنڌڙن کي سبق سيڪاري رهي اهي، ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو چيو ته اسان پنهنجي پاڪ فوج سان گڏ آهيون، جنهن دشمن ملڪ ڀارت جي جارحيت جو ڪيس اهڙو سبق سيڪاريو اهي، جو اهو سبق سندس ايندڙ نسلون به هميشه ياد رکنديون. محمد حسين هديو، عامر هديو، حق نواز لاشاري ۽ عبدالڪريم ميراڻي جي سرپرستي ۾ ميرپور ساڪرو ۾ ٿي گڏريو. جنهن ۾ شفيع محمد ملاح، اشرف ملاح، حفيظ الله ملاح، ڪامريڊ گل حسن ملاح، هاشم ملاح، لڏو ولهاري، گلزار ملاح سميت ٻنهي ڌرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جتي ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي ڪين ڪير ڪنڌ ڪيو ويو، ان موقعي تي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو چيو ته اسان پرامن ماڻهون اهيون، اسان قبيلائي جهيڙا نٿا چاهيون، هن چيو ميرپور ساڪرو جي ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪافي وقت کان ٽيل جهيڙي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿيا هئا، جنهن بعد ٻنهي ڌرين ۾ ڪشيدگي حد کان وڌي ويئي هئي ۽ وڌيڪ نقصان جو امديشو هڳ، جنهن انديشي کي نظر ۾ رکي ٻنهي ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪيو ويو اهي، هن ملاح برادري سميت پوري سنڌ جي ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو پاڻ ۾ اڪيلو ٻڌي قائم ڪري نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري پيار محبت سان رهي پنهنجي پياري ملڪ جي حفاظت ڪندڙ پاڪ فوج جو ساٿ ڏين، جيڪا ملڪ جي رات، ڏينهن حفاظت ڪري ملڪ ڏانهن ميري اک ڪنڌڙن کي سبق سيڪاري رهي اهي، ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو چيو ته اسان پنهنجي پاڪ فوج سان گڏ آهيون، جنهن دشمن ملڪ ڀارت جي جارحيت جو ڪيس اهڙو سبق سيڪاريو اهي، جو اهو سبق سندس ايندڙ نسلون به هميشه ياد رکنديون.

بقايا 36

۽ هاٽوڪي وزيراعظم شهباز شريف ساحلي پٽي جا ست پيرا دورا ڪري هر پيري ڪيتراڻي اعلان ڪيا. جن ۾ مختلف ڳوٺن کي ماڊل وليج بڻائڻ، مري ويلن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ، ڳوٺن جي حالت بهتر بنائڻ سميت قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ ارلي وارننگ سسٽم لڳائڻ جا اعلان ڪيا پر انهن مان ڪنهن هڪ تي به عمل نه ٿي سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ ساحلي پٽي کي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته 1999 ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت هئي ۽ نواز شريف وزيراعظم هو هن وقت به انهن جي ئي حڪومت آهي. وزيراعظم نوازشريف گم ٿيل ۽ مري ويل جي وارثن کي هڪ لک روپيه معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر ان لاءِ به اسان کان اسٽامپ پيپر تي قسم نامو ورتو ويو ۽ صرف 30 هزار ڏنا ويا اهي به سيني متاثرن کي نه ملي سگهيا. انهن چيو ته اسان جي ڳوٺن ۾ 1999 واري طوفان کان پوءِ جر ڪارو ٿي ويو پيئڻ جو مٺو پاڻي توڙي ٻيون ضرورت واريون سهولتون سان کي ميسر نه آهن. انهن چيو ته حڪومت پنهنجن ڪيل اعلانن تي عمل ڪري ۽ اسان کي بنيادي انساني سهولتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن ۽ قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ اپاءَ وٺي آئنڊ لاءِ اهڙي سانحي کان اسان کي بچايو وڃي. ۽ هاٽوڪي وزيراعظم شهباز شريف ساحلي پٽي جا ست پيرا دورا ڪري هر پيري ڪيتراڻي اعلان ڪيا. جن ۾ مختلف ڳوٺن کي ماڊل وليج بڻائڻ، مري ويلن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ، ڳوٺن جي حالت بهتر بنائڻ سميت قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ ارلي وارننگ سسٽم لڳائڻ جا اعلان ڪيا پر انهن مان ڪنهن هڪ تي به عمل نه ٿي سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ ساحلي پٽي کي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته 1999 ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت هئي ۽ نواز شريف وزيراعظم هو هن وقت به انهن جي ئي حڪومت آهي. وزيراعظم نوازشريف گم ٿيل ۽ مري ويل جي وارثن کي هڪ لک روپيه معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر ان لاءِ به اسان کان اسٽامپ پيپر تي قسم نامو ورتو ويو ۽ صرف 30 هزار ڏنا ويا اهي به سيني متاثرن کي نه ملي سگهيا. انهن چيو ته اسان جي ڳوٺن ۾ 1999 واري طوفان کان پوءِ جر ڪارو ٿي ويو پيئڻ جو مٺو پاڻي توڙي ٻيون ضرورت واريون سهولتون سان کي ميسر نه آهن. انهن چيو ته حڪومت پنهنجن ڪيل اعلانن تي عمل ڪري ۽ اسان کي بنيادي انساني سهولتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن ۽ قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ اپاءَ وٺي آئنڊ لاءِ اهڙي سانحي کان اسان کي بچايو وڃي. ۽ هاٽوڪي وزيراعظم شهباز شريف ساحلي پٽي جا ست پيرا دورا ڪري هر پيري ڪيتراڻي اعلان ڪيا. جن ۾ مختلف ڳوٺن کي ماڊل وليج بڻائڻ، مري ويلن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ، ڳوٺن جي حالت بهتر بنائڻ سميت قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ ارلي وارننگ سسٽم لڳائڻ جا اعلان ڪيا پر انهن مان ڪنهن هڪ تي به عمل نه ٿي سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ ساحلي پٽي کي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته 1999 ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت هئي ۽ نواز شريف وزيراعظم هو هن وقت به انهن جي ئي حڪومت آهي. وزيراعظم نوازشريف گم ٿيل ۽ مري ويل جي وارثن کي هڪ لک روپيه معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر ان لاءِ به اسان کان اسٽامپ پيپر تي قسم نامو ورتو ويو ۽ صرف 30 هزار ڏنا ويا اهي به سيني متاثرن کي نه ملي سگهيا. انهن چيو ته اسان جي ڳوٺن ۾ 1999 واري طوفان کان پوءِ جر ڪارو ٿي ويو پيئڻ جو مٺو پاڻي توڙي ٻيون ضرورت واريون سهولتون سان کي ميسر نه آهن. انهن چيو ته حڪومت پنهنجن ڪيل اعلانن تي عمل ڪري ۽ اسان کي بنيادي انساني سهولتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن ۽ قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ اپاءَ وٺي آئنڊ لاءِ اهڙي سانحي کان اسان کي بچايو وڃي.

بقايا 37

پيا حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن غلام قادر پنهنجي زال ۽ ننڍڙي نياڻي سان گڏ موٽرسائيڪل تي سوار هو تيز رفتاري سان ايندڙ ڪوچ اچانڪ ٽڪر هنيو ۽ حادثي کان پوءِ ڪوچ جو ڊرائيور ڪوچ سميت فرار ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پٿڻي پوليس موقعي تي پهتي جتان لاش ۽ زخمين کي ترت طور تي تعلقه اسپتال روهڙي منتقل ڪيو ويو طبي عملي جي پهرين امداد ڪانپوءِ ٻنهي زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال سکر ريفر ڪيو ويو فوتي عورت جي لاش جڏهن آبائي ڳوٺ ڪندرا پهتي ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو سوڳوار منظر ڏسي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. وارثن سان گڏ پاڙيسرين جو به ميڙ تعزيت لاءِ پهچي ويو واقعي بابت اجا تائين ڪا به قانوني ڪارروائي يا ڪيس داخل نه ٿي سگهي آهي متاثر خاندان ۽ علائقي واسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فرار ٽيل ڪوچ ڊرائيور کي ترت گرفتار ڪري انصاف ڏياريو وڃي

# ڏوڪري ۾ بدامني رڪجي نہ سگهي، پوليس آرام جي ننڊ ستل، شهر ڏوهارين جو راڄ

## امن امان جي صورتحال بهتر نہ هجڻ سبب شهري جاڳي راتيون گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن

## امجد علي عرف ٻيبن قاضي جي مانڊي مان 15 هزارن جي لاڳت جو پيل سامان چوري ڪري ويا

## رٽائرڊ پوليس اهلڪار ابرار ڪولاچي جي گهر مان نامعلوم چور هزارين رپين جو سامان چوري ڪري ويا

ڏوڪري (رپورٽر) جاڳ پوليس جاڳ ڏوڪري ۾ بدامني رڪجي نہ سگهي، پوليس آرام جي ننڊ ستل، شهر ڏوهارين جو راڄ، چورين روز جو معمول بڻيل، امن امان جي صورتحال بهتر نہ هجڻ سبب شهري جاڳي راتيون گذارڻ تي مجبور، ڏوڪري ۾ چورين ڦرين جي وارداتن رڪجي ناهين سگهيون، پوليس آرام جي ننڊ ستل آهي، پوليس شهر ڏوهارين جي حوالي ڪري ڇڏيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

# ميرپور ساڪرو ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ بعد فيصلو، ڳالهيون ٻڌي ڪيس ڪير ڪند ڪيو ويو

## ڇڪتاڻ بعد ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو ۽ عبدالڪريم ميراڻي جي ثالثي ڪرڻ بعد ٻنهي ڌرين جو فيصلو ڪرايو ويو

## شفيع محمد ملاح، اشرف ملاح، حفيظ الله ملاح، ڪامريڊ گل حسن ملاح، هاشم ملاح، لنڊو ولهاري ۽ ٻين پاران شرڪت

## ميرپور ساڪرو جي ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪافي وقت کان ٿيل جهيڙي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿيا هئا

ٺٽو (رپورٽ: واحدشورو) 2 سال اڳ ميرپور ساڪرو ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ايوب، محمد ۽ مولابخش ملاح ۽ ٻئي ڌر جي جمعون، يعقوب، شڪيل ملاح ۾ ٿيل جهيڙي ۾ ٽن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ بعد ٻنهي ڌرين ۾ ڪشيدگي وڌڻ بعد ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو ۽ عبدالڪريم ميراڻي جي ثالثي ڪرڻ بعد ٻنهي ڌرين جو فيصلو ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ميرپور ساڪرو ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ بعد فيصلو، ڳالهيون ٻڌي ڪيس ڪير ڪند ڪيو ويو

### نوشهروفيروز ۾ ڏير پنهنجي سهري سان گڏجي پنهنجي ڀاڄائي ۽ ڀاءُ کي رتورت ڪري ڇڏيو

نوشهروفيروز (رپورٽر) ڳوٺ زبير پنهور ۾ ڏير پنهنجي سهري سان گڏجي پنهنجي ڀاڄائي ۽ ڀاءُ کي رتورت ڪري ڇڏيو، ناري ۽ نوجوان اسپتال داخل .ناري پنهنجي ماءُ، پيءُ سان گڏجي جوابدارن خلاف احتجاج ڪيو. زخمي ناري ستاره پنهور ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو تہ اسان عورتن ۾ ٻهارو ڏيڻ تان منهن ماري تي پئي جنهن ت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# ٺٽي شهر جي رهواسي مڇي جي واپاري پاران ٻاڻن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

## واپاري عبدالرشيد ملاح دوست معراج پٽو ۽ سندس ڀاءُ محمد ابراهيم ملاح سان گڏ احتجاج ڪيو

## رفيق ساٿي مٿس ڌمرجي مختلف وقتن تي مٿس حملا ڪري موتمار ڌمڪيون ڏيندو رهي ٿو: عبدالرشيد ملاح

## اسان ٺٽي ٿاڻي تي پهچي پوليس کي سڄي صورتحال کان آگاهه ڪيو، پر پوليس سندن ڪا بہ مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي شهر جي رهواسي مڇي جي واپاري عبدالرشيد ملاح پنهنجي دوست معراج پٽو ۽ سندس ڀاءُ محمد ابراهيم ملاح سان گڏ ٺٽي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مڇي جي واپاري رشيد ملاح چيو تہ هو مڇي جو واپار ڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو: متاثر رهواسي صحافين آڏو ڏانهيندي

### ٽنڊو محمد خان ۾ مبينا آپگهات ڪندڙ پورهيت جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ڦليلي ڪينال وٽان ڪجھ ڏينهن اڳ پاڻ کي بجلي جي ٿنڀي مان لٽڪائي زندگي ختم ڪندڙ ورجان ڪولهي جي وارثن پاران انصاف جي گهر ڪندي الفتاح چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جتي مظاهرين سخت نعريبازي ڪنديان موقعي تي، ورجان جي زال مروها، امڙ سوڍي، ۽ ڏيور راڄ ميڊيا سان ڳالھ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

# ٺٽي ۾ ڏينهون ڏينهن وڌهوڏڻ لڳا، پُوليس جي رِٽ ناڪام، شهري عدم تحفظ جو شِڪار بڻجي ويا

## پ پ شهيد ڀُٽو ٺَٽي جي صدر بابو احسان ڀُٽو جي ڀاءُ اصغر ڀُٽو جي موٽرسائيڪل چور چُوري ڪري ويا

## وارداتن جو ايس ايس پي نُوٽيس وٺي مُوٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڏي، ٻي صورت ۾ سَخت احتجاج ڪيو ويندو

ٺَٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ ڏينهون ڏينهن وڌهوڏڻ لڳا، پُوليس جي رِٽ ناڪام، شهري عدم تحفظ جو شِڪار بَڻجي ويا. تَفصيل مُوجب آگرمحلي مان ڏينهن ڏٺي پ پ شهيد ڀُٽو ضلعي ٺَٽي جي صدر بابو احسان ڀُٽو جي ڀاءُ اصغر ڀُٽو جي CD_70 موٽرسائيڪل چور چُوري ڪري فرار ٿي ويا، پ پ شهيد ڀُٽو ضلعي ٺَٽي جي صدر بابو احسان ڀُٽو مطالبو ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

# ڪيبر جي شهباز ٽائون ۾ عيد گاھ گرائونڊ تي نوجوان شهرين پاران جلسہ سيرت النبي ﷺ منعقد

## جلسہ سيرت النبي ﷺ جي موضوع تي عبدالقدير حقاني جي صدارت ۾ ديني پروگرام ٿي گذريو

## پنهنجو مت پاڻ هو الله سائين ڪائنات ۾ اهڙو نبي نہ پيدا ڪيو ۽ نہ ئي ڪو سندس ثاني آهي: اڳواڻ

## جي يو آءِ جي جهنڊي هيٺيان متحد ٿي گڏ بيٺل آهيون ،آخر ۾ امت مسلم جي لاءِ دعائي خير گهري وئي

مٽياري (رپورٽ: فضل بلوچ) ڪيبر جي شهباز ٽائون ۾ عيد گاھ گرائونڊ تي نوجوان شهرين پاران جلسہ سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم جي موضوع تي مولانا عبدالقدير حقاني جي صدارت ۾ ديني پروگرام ٿي گذريو ان موقعي تي مولانا غلام ياسين چنا ۽ مولانا عبدالقدير حقاني آخرزمان نبي مرسل حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي سيرت بيان ڪندي چيو تہ اس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

# سنڌ جي سامونڊي پٽي ۾ آيل جيءَ جهوريندڙ سامونڊي طوفان کي 26 سال مڪمل، متاثرين جي واهر نہ ٿي

## سامونڊي پٽي ۾ آيل جيءَ جهوريندڙ سامونڊي مها طوفان "سائيڪلون ٽواي" کي 26 سال مڪمل ٿي ويا

## طوفان متاثرن وڻجارن جي زندگين ۾ اڃان تائين ماٺار نہ اچي سگهي، ڪيترائي وارث واٽ نهاريندي فوت ٿي ويا

## سامونڊي پٽيءَ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ وڻن تي رڳو لاش ئي لاش لٽڪيل نظر آيا، سمنڊ ماهيگير واپس نہ موٽيا

دڙو (رپورٽر) دڙو: "ڳهاتو گهر نہ موٽيا"!! 19 مئي 1999 تي سنڌ جي سامونڊي پٽي ۾ آيل جيءَ جهوريندڙ سامونڊي مها طوفان "سائيڪلون ٽواي" کي اڄ 26 سال مڪمل!! سجاول، ٺٽو ۽ بدين ضلعن ۾ بدترين تباهي آڻڻ ڪان پ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

### سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جي پندرهن وار دستوري گڏجاڻي سنگت جي آفيس ۾ منعقد

دادو (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جي پندرهن وار دستوري گڏجاڻي سنگت جي آفيس ۾ منعقد ٿي، جنهن جي صدارت نامور اديب نظير نياز جويو ڪئي، گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري سجاد يوسف هلائي ان موقعي تي سنڌ جي ناليوارن ڪهاڻيڪارن نور ڪنير، نثار سومرو ۽ اصغر جمالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

# مٽياري ضلع جي ڳوٺ محمد صالح ڏومڪي ۾ ٻار اسڪول جي بلڊنگ نہ هئڻ سبب پريشانيون

## ٻار اسڪول جي بلڊنگ نہ هئڻ ڪري ننهڻ اس ۽ ڦهرجهڙي گرمي ۾ تنبو ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لڳا

## اسان جي ڳوٺ جي اسڪول کي بلڊنگ جي سخت ضروت آهي گرمي پڻ بہ وڌيڪ رهي ٿو: ڳوٺاڻن جو ڳالهيون

## اسڪول ۾ سولر سسٽم لڳرايو وڃي تہ جئين مستقبل جا معمار ٻار ڙا سٺي نموني تعليم حاصل ڪري سگهن

مٽياري (رپورٽر) مٽياري ضلع جي ڳوٺ محمد صالح ڏومڪي ۾ ٻار اسڪول جي بلڊنگ نہ هئڻ ڪري تنبو ۾ پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ لڳا ضلعي انتظاميا مڪمل طور خاموش ٻارڙن جي تعليمي سخت متاثر0تفصيل موجب مٽياري لڳ يوسي 16 جي ڳوٺ محمد صالح ڏومڪي جي اسڪول گورمينٽ پرائمري اسڪول محمد صالح ڏومڪي سيميز نمبر 423020/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

# صفورا ٽائون جي علائقي مخدوم بلاول وليج ۾ پلاٽ ڏيڻ جي عيوض 58 لک رپيا هڙپ، احتجاج

## 58 لک رپيا هڙپ ڪرڻ خلاف ڪوڪر برادري جي ماڻهن عورتن ۽ ٻارن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو

## محبوب عباسي ۽ رزاق سيال مخدوم بلاول وليج ۾ پلاٽ ڏيڻ جي واعدي تي 58 لک رپيا ورتا هئا: اڳواڻ

## پيپلز پارٽي جي اڳواڻ محبوب عباسي، رزاق سيال جي ضمانت تي رقم واپس ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي هئي

ڪراچي (رپورٽر) صفورا ٽائون جي علائقي مخدوم بلاول وليج ۾ پلاٽ ڏيڻ جي عيوض 58 لک رپيا هڙپ ڪرڻ خلاف ڪوڪر برادري جي ماڻهن عورتن ۽ ٻارن سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين مخدوم بلاول وليج ۽ آڏو گڏ ٿي پيپلز پارٽي جي ورڪر محبوب عباسي ۽ رزاق سيال خلاف سخت نعريبازي ڪئي، مظاهرين جو چوڻ هو تہ محبوب عباسي ۽ رزاق سيال مخدوم بلاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

### 26 سال گذرڻ باوجود متاثرين جديد دور ۾ بہ غربت ۽ فاقا ڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور

دڙو (رپورٽر) 26 سال گذرڻ باوجود بہ اڃان تائين متاثرين هن جديد دور ۾ بہ غربت ۽ فاقا ڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. طوفان جو اثر اڄ بہ انهن علائقن ۾ ترو تاز آهي. گهڻن ماهيگيرن جا پيارا اڄ بہ هندستان جي جيلن ۾ اذيت واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. جيڪي طوفان کان بچڻ لاءِ هندستان جي حدن ۾ دا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

# آپريشن بنيان مرصوص جي تاريخي ڪاميابي جي خوشي ۾ مٺي شهر ۾ ريلي

## ريلي ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري رينجرس جي آفيسرن کي ڀيٽا پيش ڪئي

## شهرين پاران سنڌ رينجرس جي آفيسرن سان گڏجي خوشي جو اظهار ڪندي ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو

مٺي (ڊ۔رمحمدرحيم مگريو) آپريشن بنيان مرصوص جي تاريخي ڪاميابي جي خوشي ۾ مٺي شهر ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سنڌ رينجرس جي آفيسرن کي ڀيٽا پيش ڪئي. ريلي دوران سنڌ رينجر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

آپريشن بنيان مرصوص جي تاريخي ڪاميابي جي خوشي ۾ مٺي شهر ۾ ريلي ڪڍي وئي

# روهڙي ۾ ڦرن ۽ چورين جي وارداتن ۾ واڌ، اسٽريٽ ڪرائيم جي واقعن ۾ اضافو ٿي ويو

## ڦرن ۽ چوري جون ٿي ڌاڙ وارداتون پوليس جي ڪارڪردگي تي سواليہ نشان لڳائي ڇڏيا

## هٿيارن جي زور تي قيمتي موبائيل فون ۽ 4000 رپيا نقدي ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ ڦرن ۽ چورين جي وارداتن ۾ واڌ جنهن سبب شهرين ۾ خوف روهڙي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي وڌندڙ وارداتن ماڻهن ۾ بيچيني ۽ پريشاني جو سبب بڻجي رهي آهي گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڦرن ۽ چوري جون ٿي ڌار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

# وزيراعظم نواز شريف ۽ هاڻوڪي وزيراعظم شهباز شريف ساحلي پٽي جا 7 ڀيرا دورا ڪيا

## هاڻوڪي وزيراعظم شهباز شريف ساحلي پٽي جا ست ڀيرا دورا ڪري هر ڀيري ڪيترائي اعلان ڪيا

## ڳوٺن جي حالت بهتر بڻائڻ سميت قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ ارلي وارننگ سسٽم لڳائڻ جا اعلان ڪيا هئا

دڙو (رپورٽر) 1999 جي مها طوفان ۾ سون جي تعداد ۾ ماڻهن جي فوت ٿيڻ ۽ هزارين گهر تباھ ٿي وڃڻ ڪان پوءِ ان وقت جي وزيراعظم نواز شريف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

# نئون ڪوٽ جي تعلقي جهڏو ۾ ريٽائرڊ آرمي تنظيم ايڪس سروس مين پاران ريلي

## اشرف راجپوت، عطا الله ڪوسو، رانا اڪرام، ايوب قائمخاني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي نڪتي

## اسان ڪان ڏھ ڀيرا وڏي فوجي ۽ عسڪري طاقت رکندڙ ڀارتي فوج کي اهڙي عبرتناڪ شڪست ڏني: اڳواڻ

نئون ڪوٽ (رپورٽ: نويد بجير) نئون ڪوٽ جي تعلقي جهڏو ۾ ريٽائرڊ آرمي تنظيم ايڪس سروس مين پاران ضلع ميرپور خاص جي صدر رانا اشرف راجپوت، عطا الله ڪوسو، رانا اڪرام، ايوب قائمخاني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هڪ شاندار ريلي ڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

# ميرپورخاص پوليس ڪانسٽيبل خان محمد جسڪاڻي ڏگهي بيماري ڪانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو

## ڪانسٽيبل خان محمد جسڪاڻي، هڪ تمام شريف، ايماندار ۽ نيڪ شخصيت لاڏاڻو ڪري ويو

## سٺي روييءَ ۽ خوش مزاجي جي ڪري پوليس کاتي ۾ هڪ منفرد ۽ نمايان مقام رکندڙ شخصيت هو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص پوليس ڪانسٽيبل خان محمد جسڪاڻي ڊگهي بيماري ڪانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو ميرپو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

# صدرجي پٽيون ۽ جهان خان لغاري ۾ پهچي ڊاڪٽر غلام مصطفي سهاڳ پاران تعزيت جاري

## مصطفي سهاڳ پاران اڳوڻي ايس ڊي جي پوئنرن ۽ سماجي اڳواڻ جي امڙ جي وفات تي تعزيتون ڪيون

## ولي محمد لغاري جي وفات تي سندس پوئنرن بخت علي لغاري اڪرام لغاري سجاد لغاري سان تعزيت ڪئي

احمدپور (رپورٽ: سرفرازعلي ميتلو) احمدپور لڳ صدرجي پٽيون ۽ جهان خان لغاري ۾ پهچي اڳوڻي سنڌ جي سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام مصطفي سهاڳ پاران اڳوڻي ايس ڊي جي پوئنرن ۽ سماجي اڳواڻ جي امڙ جي وفات تي تعزيتون ڪيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

احمدپور: تعزيتي دعا گهري پئي وڃي

# سنڌي ادبي سنگت شاخ جوهي پاران وچڙي ويل ساٿي شاعرن پاران مشاعرو منعقد ڪيو ويو

## وڇڙي ويل ساٿي شاعرن جاني اسحاق ملاح ۽ عُثمان فقير جي ياد ۾ ڌرتي مشاعرو منعقد ڪيو ويو

## مرتضي جمالي، ممتاز مصطفي دوست، اداس لنڊ، آسي بدرچنہ، رشيد چانڊيو، منشا ڪوريجو شريڪ ٿيا

جوهي (رپورٽ: رحيم بخش) سنڌي ادبي سنگت شاخ جوهي پاران وڇڙي ويل ساٿي شاعرن جاني اسحاق ملاح ۽ عُثمان فقير جي ياد ۾ ڌرتي مشاعرو منعقد ڪيو ويو، ڳورڪ هوٽل تي منعقد ڪيل ڌرتي مشاعري رجب ڀڳهيو، معص/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

# ورشهر ۾ يومِ تشڪُر جي موقعي تي ساجاھ وندن پاران بنيان المرصوص نالي حمايتي ريلي

## لعل بخش بروهي ۽ نعيم مغل جي اڳواڻيءَ ۾ فتح بنيان المرصوص نالي حمايتي ريلي ڪڍي وئي

## سياسي، سماجي اڳواڻن پاڪ فوج زنده باد"، "وطن جا محافظ، سلامت رهو" سميت حب الوطني نعرا هنيا

گهوڙاٻاري (شاه خالدڏاتاري) ورشهر ۾ يومِ تشڪُر جي موقعي تي رئيس محمد امين چانڊيو، قادر بخش عارفاڻي، حاجي ڪارائي، عثمان مهر، رمضان بروهي، لعل بخش بروهي ۽ نعيم مغل جي اڳواڻيءَ ۾ فتح بنيان المرصوص نالي ح/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ورشهر ۾ يومِ تشڪُر جي موقعي تي ساجاھ وندن پاران بنيان المرصوص نالي حمايتي ريلي ڪڍي وئي

# سانگهڙ ۾ آبپاشي کاتي پاران اولڊ جمڙائو ڪينال ۾ هترادو پاڻي جي بندي ڪري هزارين ايڪڙ زمين تباهہ

## زرعي فصل سڪاڻ ٽوڙي ڊاريڪٽر نارا ڪينال اشفاق ميمڻ جي هٺ ڌرمي ۽ نا انصافين خلاف احتجاج ڪيو ويو

## خليفي درياھ فقير درياماڻي ۽ آباد گار تنظيم اڳواڻ رئيس مراد علي خان نظاماڻي جي اڳواڻي ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

سنجهورو (رپورٽر) سانگهڙ ضلعي ۾ آبپاشي کاتي پاران اولڊ جمڙائو ڪينال ۾ هترادو پاڻي جي بندي ڪري هزارين ايڪڙ زمين بنجر بنائي اربين رپين جو زرعي فصل سڪاڻ ٽوڙي ڊاريڪٽر نارا ڪينال اشفاق ميمڻ جي هٺ ڌرمي ۽ نا ا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

# جسقم جي اڳواڻن سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ ايم ايس جي مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج

## صوفي خالد چنا شيراز ڏيٿو ذولفقار عمراڻي سعيد مشهوري ۽ ٻين قومي ڪارڪنن مٿان مظاهرو ڪيو

## اسپتال ۾ دوائن جي فراهمي ۽ ڊاڪٽرن جي موجودگي يقيني نہ بڻائي وئي تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽر) جسقم جي اڳواڻن سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ ضلعي چيف آرگنائيزنر فيصل مستوئي عزيز پنگوار رحمان راڄپر صوفي خالد چنا شيراز ڏيٿو ذولفقار عمراڻي سعيد مشهوري ۽ ٻين قومي ڪارڪنن مٿان ڪوڙا ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

# خيرپور ۾ جوڳي فلاحي تنظيم پاران غريبن جي مدد جو سلسلو جاري، ساجاھ وند شريڪ

## الطاف محبوب جي اڳواڻي ۾ مختلف علائقن ۾ ضرورت مند خاندانن کي راشن ۽ مالي امداد پهچائي وئي

## سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ پيش پيش رهي آهي ۽ هن مشڪل وقت ۾ بہ ذميواري بخوبي نڀائي رهي آهي: اڳواڻ

## اسان کي عوام جو ڀرپور ساٿ ملي رهيو آهي، جنهن جي ڪري اسين وڌيڪ ماڻهن جي مدد ڪري سگهون ٿا: ڳالهيون

خيرپور (رپورٽر) ڪپتان رجب علي ملاح ) جوڳي فلاحي تنظيم پاران غريبن جي مدد جو سلسلو جاري خيرپور جوڳي فلاحي تنظيم، غريب ۽ مستحق ماڻهن جي مدد لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکيون آهن. تنظيم جي چيئرمين صدر صاحب ۽ وائيس چيئرمين الطاف محبوب جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ضرورت مند خاندانن کي راشن ۽ مالي امداد پهچائي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

# روهڙي ويجهو تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر ۾ عورت فوت، 7 سالن جي نياڻي سميت 2 ڄڻا زخمي

## نصرت ڀٽو يونيورسٽي پرسان ٿاڻي پٽڻي جي حد ۾ تيز رفتار ڪوچ موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو

## 60 سالن جي عورت گل ناز زال غلام قادر جاگيراڻي، رهواسڻ ڪندرا موقعي تي ئي فوت ٿي وئي

## پٽڻي پوليس موقعي تي پهچي جتان لاش ۽ زخمين کي ترت طور تي تعلقہ اسپتال روهڙي منتقل ڪيو ويو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ويجهو تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر ۾ عورت فوت 7 سالن جي نياڻي سميت 2 ڄڻا زخمي اڄ صبح روهڙي ويجهو نئشنل هاءِ وي تي بيگم نصرت ڀٽو يونيورسٽي پرسان ٿاڻي پٽڻي جي حد ۾ هڪ تيز رفتار نامعلوم ڪوچ موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار 60 سالن جي عورت گل ناز زال غلام قادر جاگيراڻي، رهواس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

روهڙي: فوت ٿي ويل جو مڙهہ اسپتال پيل آهي

### رتيديري ۾ سنگت سٽي شاخ جي دستوري تنقيدي گڏجاڻي: نڪور تخليقون پيش

نئون ديرو (رپورٽر) رتيديري ۾ سنگت سٽي شاخ جي دستوري تنقيدي گڏجاڻي: نڪور تخليقون پيش سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي رتوديرو جي پندرهوار دستوري گڏجاڻي "العباس ادبي منزل" تي ڪوٺائي وئي عوامي شاعر اختيار شاھ صدارت ڪئي: نعيم بخاري ساقي ابڙو شاهنواز شيدائي ۽ ٻين نڪور تخلقيون پيش ڪيون ساق/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

# انٽرنيشنل هيومن رائٽس موومينٽ طرفان الطاف حسين ٽنيو جي شاندار خدمتن جو اعتراف

## امن جي سفير، رانا بشارت علي خان طرفان الطاف حسين ٽنيو جي شاندار خدمتن جو اعتراف ڪيو ويو

## ايوارڊ انٽرنيشنل اچيومنٽ ليڊرشپ ميڊل ۽ تحسين نامو حاصل ڪرڻ جي خوشي ۾ هڪ شاندار پروقار تقريب

## تقريب ۾ ايڊوڪيٽ منظرامام ظهير خٽڪ حافظ فيض الرحمان علم الدين رند ۽ ٻين کي تنظيمي ڪارڊ ڏنا ويا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) انٽرنيشنل هيومن رائٽس موومينٽ، ضلعي ٺٽي جي طرفان انٽرنيشنل هيومن رائٽس موومينٽ، جنيوا جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي سفارش تي ورلڊ چيئرمين ۽ امن جي سفير، رانا بشارت علي خان طرفان الطاف حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

### پرسان ديھ ولهاري ۾ سيف جي تعاون سان هلندڙ اسڪول تي مقامي ڳوٺاڻي پاران ڪارروايون

ڪنڊ (رپورٽر) ڪنڊ پرسان ديھ ولهاري ۾ سيف جي تعاون سان هلندڙ اسڪول نياز محمد لاشاري بهتر نموني سان هلندڙ اتي جو مقامي ڳوٺاڻو تعليم دشمن پاليسين تي لهي آيو اسڪول جي بهتري لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ لڳو سوين ٻارن جو مستقبل داءَ تي لڳل اسڪول کي ڏنل زمين جو دستاويز ٺٽو ڏي اسڪول ۾ پيلا قيمت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

# محرابپور پوليس جو جوا جي اڏي تي ڇاپو، 9 جواري ڪيش رقم موبائل فون سميت گرفتار

## پوليس جوا جي اڏي تي ڇاپو هڻي 9 جواري ڪيش رقم موبائل فون سميت گرفتار ڪيا ويا آهن

## عمران نوناري ،وقار نوناري يحي نوناري انور ملڪ ۽ عمير ملڪ نالي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

محرابپور (رپورٽر) پوليس جو جوا جي اڏي تي ڇاپو 9 جواري ڪيش رقم موبائل فون سميت گرفتار مقدمو درج تفصل موجب محرابپور پوليس جو جوا جي اڏي تي ڇاپو 9 جواري ڪيش رقم موبائل فون سميت گرفتار محرابپور ٿاڻي جي ايس ايڇ او ياسر ڪوسو جي چوڻ مطابق عيد گاھ واري محلي ۾ عمران نوناري جي قمار خاني تي ڇاپو هڻي عمران نوناري، .وقار نوناري يحي نوناري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

# ڏوڪري ۾ گيس جي هترادو لوڊشيڊنگ، مختلف محلن ۾ لائين جي نئين سر نہ وڇائڻ خلاف احتجاج

## مختلف محلن ۾ سوئي گئس جي ڳريل پائيپ لائين جي نئين سر نہ وڇائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

## گلاب سومرو، غلام رسول سومرو، راجہ مري تلو ندي م ساري، طفيل سومرو، علي اصغر ميمڻ شريڪ ٿيا

## مختلف محلن ۾ ڳري ويل گئس پائيپ لائين جو جائزو وٺي نئين سر سوئي گئس پائيپ لائين وڇائي وڃي: اڳواڻ

ڏوڪري (رپورٽر) رڌ پچاءَ وقت گئس ناهي جو پلا ، ڏوڪري ۾ گيس جي هترادو لوڊشيڊنگ، مختلف محلن ۾ سوئي گئس جي ڳريل پائيپ لائين جي نئين سر نہ وڇائڻ خلاف احتجاج ڪيو. ميڊيا اڳيان ڏانهيبندي چيو تہ ڏوڪري ۾ سوئي گئس انتظاميا پاران گئس جي هترادو لوڊشيڊنگ ڪري اسان وڏو ظلم ڪيو آهي، سهيل احمد سومرو، شمس الدين متلو، پروفسر گلاب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

# ينگ لائيرز فورم دادو طرفان نون چونڊيل عهديدارن جو نوٽيفڪيشن جاري، ساجاھ وندن پاران مبارڪون

## صدر طور نويد علي سومرو، نائب صدر بابر علي ٻهڻ، جنرل سيڪريٽري احمد علي الڪاٽي ۽ ٻين جو نوٽيفڪيشن جاري

## نوجوان وڪيلن جي فلاح، قانوني تربيت، حقن جي تحفظ ۽ ادارتي مضبوطي لاءِ فورم اهم ڪردار ادا ڪندو: نويد علي سومرو

## دادو ۾ علمي، قانوني ۽ پيشورانہ صلاحيتن سميت نياڻين جي تعليم کي هٿي ڏيڻ لاءِ نون پروگرامن تي ڪم ڪيو ويندو: ڳالهيون

دادو (رپورٽر) ينگ لائيرز فورم دادو طرفان نون چونڊيل عهديدارن جو نوٽيفڪيشن جاري، نوٽيفڪيشن موجب فورم جي صدر طور نويد علي سومرو، نائب صدر بابر علي ٻهڻ، جنرل سيڪريٽري احمد علي الڪاٽي، ڊپٽي جنرل سيڪر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

### فنڪار سيد صدرالدين راشدي جو وچوڙو جيتوڻيڪ وارثن لاءِ ڏکوئيندڙ آهي: ساجاھ وند

نئون ديرو (رپورٽر) صوفي بزرگن جي ڪيل صوفياڻي شاعريءَ کي صوفياڻي راڳ رنگ ذريعي پنهنجي سريلي آواز سان موهيندڙ نوجوان فنڪار سيد صدرالدين راشدي جو وچوڙو جيتوڻيڪ وارثن لاءِ تہ ڏکوئيندڙ آهي پر اتي سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ رهندڙ سندس پرستان لاءِ بہ وڏي صدمي کان گهٽ ناهي. صدرالدي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

# روهڙي جي علائقي علي واهڻ ۾ هٿياربندن پاران مينهون چوري ڪرڻ دوران فائرنگ، عورت زخمي

## علائقي واسين سڄاڳ ٿيڻ تي مزاحمت ڪئي چورن مزاحمت تي انڌا ڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني

## چورن جي فائرنگ سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو، ماڻهو گهرن ۾ محصور ٿي ويا بازارون بند ٿي ويون

## واقعي واري هنڌ پهتي علائقي واسين پوليس جي دير ۽ لاپرواهي تي سخت غصو جو اظهار ڪيو، ڪيس داخل نہ ٿيو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي جي علائقي علي واهڻ ۾ اٽجاتل هٿياربندن ميهون چوري ڪرڻ دوران فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا واقعي ۾ هڪ عورت گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پئي پوليس چوڪي خالي هئي ۽ اطلاع جي باوجود پوليس دير سان واقعي واري هنڌ پهتي علائقي واسين پوليس جي دير ۽ لاپرواهي تي سخت غصو جو اظهار ڪيو آهي واقعو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ علي و/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

# اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ سوجا ويري ۾ پرائمري اسڪول جي نهيل پراڻي عمارت زبون ٿي وئي

## بوائز پرائمري اسڪول صحت کاتي جي هڪ ڪمري تي مشتمل ڊسپينسري ۾ هلي رهي آهي

## اسڪول جي عمارت بہ نہ هجڻ سبب نياڻيون بہ ڇوڪرن سان گڏ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن

## نياڻين جي اسڪول لاءِ الڳ عمارت ڏيئي بنيادي سهوليتون فراهم ڪيون وڃن: علائقي واسي

مٺي (ڊ۔رمحمدرحيم مگريو) تعلقي اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ سوجا ويري ۾ پرائمري اسڪول جي نهيل پراڻي عمارت ڪيترن ئي سالن کان زبون حالي جو شڪار ٿيڻ ۽ انهي عمارت جي ڪيترن ئي سالن مرمت نہ ٿيڻ جي ڪري هلندڙ بوائز پرائمري اسڪول صحت کاتي جي هڪ ڪمري تي مشتمل ڊسپينسري ۾ هلي رهي آهي جنهن ۾ ڇوڪرن ۽ نياڻين سميت 114 شاگر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ سوجا ويري ۾ پرائمري اسڪول جي نهيل پراڻي عمارت زبون ٿي وئي

### پاڪ فوج سان محبت ۽ ڀارت سان نفرت جي اظهار طور دادو ۾ يوم تشڪر تي ريلي ڪڍي وئي

دادو (رپورٽر) پاڪ فوج سان محبت ۽ ڀارت سان نفرت جي اظهار طور دادو ۾ يوم تشڪر جي موقعي تي شاندار ۽ پرجوش ريلي ڪڍي وئي، جيڪا مندر ناڪي کان شروع ٿي دادو پريس ڪلب تائين پهتي ريلي ۾ وڏي انگ ۾ شهرين، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ قومي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12